# ارپنا

سنڌ جي نوجوان نسل ڏانهن

# پنھنجي پارن:-

زندگيءَ اسانکي ڏنوئي ڇاھي،
توڻ، ڇا ڇائين ڪيئن ٿي گذري

براڻي ڊائريءَ ۾ پنھنجيون ٿي لکمل ھني سنئون پڙھندي پنھنجي پيارن جي ياد اچي وئي آھي. تن ڏينھن ۾ پڙھندا ھئاسين. شاگرديءَ جي زماني ۾ سياسي ڏقيڙ قومي ھلچل ۽ شاگرد احتجاج روزمره جو معمول ھو [۽ ھينئر به ساڳيو حال آھي] شاعريءَ سان دلچسپي گھٽي ھوندي ھئي. [ ھينئر مصروفيتن سبب ڪجھ گھٽ آھي. پبلشر کي ڏيلھن ۾ ڪتاب ڪٺي سنڌجي شھر شھر گھمٺو پوي ٿو.] زندگي اچا به ڏکي گذري رھي آھي. درد جو سفر وچي ٿو ڊگھو ٿيندو.

سنڌ فورم پبليڪيشن جو ھي پنجون ڪتاب پوش ڪندي ايترو عرض ڪندس ته جنھن موٽ جي تمنا

هتي اها موٽ پڙهندڙن وٽان ڪو نه ملي آهي. ڪترائي ڪتاب قتل حالت ۾ اسٽالن تان ڪٺي گهر ۾ آڻــي سٽجن ٿا. پر انهن حالتن جي باوجود همت نه وڃائــي اٿم. شل اهڙو ڪو ڏينهن جلد اچي جو سنڌي ڪتاب جون هڪ هزار ڪاپيون هڪ مهيني اندر وڪامجي وڃن.

هي ڪتاب مشهور انقلابي ۽ ارڏي ڪهاڻيڪار ماڻڪ جي چئن انام ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

سنڌي ادب ۾ ڪهاڻي، سنڌ جي هن گهٽيندڙ ماحول جي عڪاسيءَ جو واحد ذريعو وڃي بچيو آهي. سنــڌ جو ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪهاڻين ۾ علامتي انداز سان ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون ڪري وڃي ٿو جيڪي هوند عام فهم تحرير ۾ عوام آڏو نه آڻي سگهجن ها. محترم گوپي چند نارنگ هڪ هنڌ لکيو آهي ته "علامتي ڪهاڻين ۾ ڪهاڻيڪار لفظن کي فقط لغوي يا منطقي معنائن ۾ استعمال نٿو ڪري. علامتون تيز روشني Flash جيان اکيان اچن ٿيون ۽ هڪ ئي وقت اڻ ڳڻت معنوي امڪان جهرمر جهرمر ڪرڻ لڳن ٿا. افسانو علامتــي هجي يا تجريدي، ان ۾ لغوي معني فقــط هڪ قسم جو اشارو ڪري ڇڏي، باقي ڪم پڙهندڙن جي ذهني استعداد جو آهي."

ماڻڪ پنهنجي علامتي ڪهاڻين سبب مشهور ٿيــو

آهي يا نه پر مان اهڙو ضرور چوندس ته هو پنهنجي ڪهاڻين ۾ ارڏا ڪردار جوڙي سنڌي نوجوانن جي ذهنن کي ولوڙي رهيو آهي. هو اڄ جو ڪهاڻيڪار آهي. هن ماضيءَ جي روايتي ڪردارن کي ڇڏي اڄ جي جديد نسل جي ذهني پهچ مطابق ڪردار سرجيا آهن، جن جا پنهنجا الڳ مسئلا آهن، اهڙا مسئلا جيڪي روايتي ۽ هلڪي سوچ رکندڙ پراڻي ذهن جا انسان سمجهي نه سگهندا آهن. امي ماڻڪ جي ڪردارن جي اگهڙي سوچ ۽ بي باڪ گفتگو مان اخلاق جا ڪي نسخا ڪڍڻ ۾ رڌل رهجي ويندا آهن.

جديد دور جا قدر بدلجي ويا آهن. جنسيات پراڻي زماني کان وٺي اهم انساني ضرورت رهي آهي ۽ اڄ امڪ جيڪڏهن انهن سيني ڳالهين جو اظهار پنهنجي تحريرن ۾ ڪن ٿا ته هو هن زماني جا وڏا چاڙهو ۽ حقيقت پسند آهن. جين پال سارتر چيو آهي ته ”اسان کي اهو وسارڻ نه کپي ته من جو مدو منهنجو بهند جسم سان آهي. انڪري ئي اسين انسان جي جسم ۽ جسماني حرڪتن جي اپٽار ڪندا آهيون ائين ڪرڻ سان اسين پنهنجي وندر نه ٿا ڪريون بلڪ انسان جي سورن پهلوئن تي روشني وجهڻ جي ادبي فرض جو پورائو ٿا ڪريون.“

ماڻڪ جون ڪهاڻيون اگهڙ به چيپل آهن. عنوان

يا نالو ڪهاڻي اندر لڪل درد ۽ تڙپ کي ظاهر نٿو ڪري سگهي. تنهن ڪري هر ڪهاڻي کي کهري سوچ سان پڙهي ۽ سمجهي ئي ڪردار جي اصل روحاني درد ۽ تڙپ کي محسوس ڪري، ماڻڪ جي فنــي عظمت کي صحيح پوندو ته هو ڪردار جي ذهني پيڙا کـــي پڙهندڙن آڏو پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي يا نه.

ڪيرت ٻاٻاڻي پنهنجي هڪ ليک ۾ لکيــو آهــي ته "جيڪو ليکڪ پنهنجي دور کي نٿو سمجهي، اهو اعليٰ ڪهاڻيڪار نٿو بڻجي سگهي.... اڄ جو دور اهو دور آهي جنهن ۾ انسان پنهنجي ترقيءَ جي تپرس ۾ پئجي ويو آهي. اڳين سيني ڏڳن ۾ ترقي جـي پيٽ ۾ هن صديءَ جي اڌ ۾ هزارين دفعا وڌيڪ ترقي ٿي آهي سائنس جي حاصلاتن انساني زندگي، ويچارن، قدرن امنگن ۽ احساس جا نوان آسمان کولي ڇڏيا آهن. ڇا سنڌي اديب اهڙي حالت ۾ کوهه جي ڏيڏر وانگر پراڻن قدرن کي ڇهنو رهندو يا نوان آسمان ڪڇيندو.

اڄ ڪلهه اسانجي منڍي سنڌ جو سڄاڻ ڪهاڻيڪار پنهنجي ڪهاڻين ۾ جديد دور جي جديد تقاضائن مطابق لکي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي فن ۾ نوان نوان تجربـــا ڪيا آهن. هو فنـــي نقطهء نگاه کان ٻين ٻولين جي افسانه نگارن کان اڳڀرو آهن.

ماڻڪ جي ھن مجموعي ڪان پوءِ سندس ھڪ ناول ڇپائڻ جو ارادو آھي.

ڪيترن ليکڪن ۽ قدر دانن اسان جي ھمت افزائي ڪندي پنھنجيون ڪھاڻيون موڪليون آھن. لک ٿورا انھن سڀني سڄڻن جا. وقت ۽ حالتن آڌار اھي ڪھاڻيون ڪنھن مجموعي ۾ شامل ڪري وعدي مطابق معاوضو پڻ ڏينداسين.

سنڌ فورم جو ايندڙ ڪتاب "ورھاڱي کان پوءِ جون بھترين سنڌي ڪھاڻيون" [جلد پھريون] آھي. ڪتابن تي رايو لکڻ نه وسارجو.

شل ساٿ سلامت رھي

# پھرین کھاٹی

اڄ جڏهن فجر جي نماز لاءِ اٿي ۽ ماءُ کي صبح مرداني وهنجندو ڏٺائين ته وري- هينئين تي ٻڙڇي لڳس. اندر پڇڙندو محسوس ٿيس. پاڻيءَ جي ڇڙڪار ۽ باٽليءَ ۾ وٺي جي کڙ کڙ جو آواز حواس کي ڇلي اندر ئي اندر ديهل سور کي جهرائڻ لڳس. ذرو به ذهن تي زور ڏئي ويچارڻ ڪانسواءِ پروڙي وئي ته رات ڇا ٿيو هوندو.

صبح مرداني جڏهن به فجر کان اڳ ماءُ کي وهنجندو يا وهنتل ڏسندي هئي، يا جڏهن ڏسندي هئي ته ماڻس فجر جي نماز کان گس گساءُ پئي ڪري، تڏهن هر ڀيري سندس من ۾ ماءُ خلاف اڻاتل ڪرهت پيدو اوڪري، اهڙڪو ڏئي ايرندو هو. ڪڏهن ته اها ڪرهت، ساڻ جو روپ ڌاري، ڪيس نهوڙي وجهندي هئي. ۽ ساڻ ۾ پڇڙندي پڇڙندي، پائيندي هئي ته هڪ ڏينهن سڙي ڇار ٿي ويندي اها ڪرهت ساڻ ڪيس ايترو ته نهوڙي ڇڏيندو هو، جو سڄو سڄو ڏينهن، ڪڏهن ته ساندهه ڪي ڏينهن پئي لڇندي هئي. اندر ئي اندر ۾ وري جڏهن ڪم ڪارڻ ۾ اها دونهين ٿمجي ويندي هيس، ته ڪيس پنهنجو پاڻ تي اچرج ايندو هوس. ٽيرس وچان

پنهنجو پاڻ کان سوال ڪندي هئي: نيٺ اهو ٿئيم ڇا ٿو؟
هن مهل تائين ڪيس انهيءَ اڀدا جو جواب نه مليو،
سو نه مليو. پر ڪيس ڪا ڳالهه ڪندو تي چڀندي هئي
ڪٽڪندڙ اڇاتل احساس، ان تي وسواس ڪيئن ڪري!

بدنو ڪٽي، پاڻيءَ سان پيري، آڳر جي ڏيڊيءَ واري
ڪنڊ ۾ پيل منجيءَ تي اچي ويٺي. هڪ ڊگهو ساهه
ڪٽي، هٿ ڏڻ لڳي. هٿ ڏڻندي هن چوڏاري اڱڻ ۾
نهاريو: ساڃي پاسي کان پيل کٽ تي سندس ننڍي
ڀيڻ صابي ۽ ننڍڙو ڀاءُ اڪو ستا پيا هاه. پريان آخري
ڇيڙي واري کٽ تي پڻس ستو پيو هو. بي پرواهه. ان
کٽ تي پيو وهاڻو خالي پيو هو. خالي پيل پيو وهاڻو
۽ خالي اڌ کٽ، ڪيس هڪ هلڪو ذهني جهوٻو ڏنو.
شاديءَ کان اڳ، جڏهن اڃان ٻارنهن سالن جي
مس هئي، ته هڪ رات اوچتو ئي اوچتو سندس ننڊ
اکڙي وجود ڪي سس پس جي ڇاپا ڪن ڏونداڙي مرڻو
ڪري ڇڏيو. واڻڙي تي اٿي: ماڻس ۽ پڻس واري کٽ
خالي صفحي واري ٻتي پرندڙ. سس پس جو آواز اندران
ايندڙ دل ڏڙڪيس. اٿي، ڇڪ پاڙمرادو ڪا اندروني
سگهه ڪيس، پير پير ۾ پائي صفحي جي دروٽ گهلي
آئي درِيءَ مان اندر ڏنائين. هيٺئين ۾ ڇڪ پيس. ستو
گهورو. پاڻ ته دونهون پيدل. اجهو ڪي ڦاتو. بت ٻڌيل
جسم مان ٽاٽ ايرِدس، جنهن لونڊڙين وٽ اچي نڪاءُ

ڏنو. لڄ ۽ نفرت جي واچوڙي ۾ گهيرجي، گهوماٽجي چوٽيءَ تان ٽي پٽ تي اچي پئي. ڪيتريون اڻ ڳڻيل سانتون پنهنجو پاڻ ڪان وڃائجي ويئي. جڏهن سامت آيس، تہ: ماءُ جي تــقد سائيءَ وارو ذهن ۾ وهاريــل خاڪو سڙي ويل! پنهنجي هنڌ تي آئي. اها سڄي رات ڪيس ننڊ ڪانہ آئــي هئي. لــڄ، نفرت ۽ ڪرهت ۾ وتبي سڻبي رهــي. صبح جو هن ماءُ جي چال ۾ عجيب ڦيرو ڏٺو. جيڪو ڪيس نہ رڳو بنهہ اڻ- وڻندڙ، بڇان ڏيندڙ لڳو، پر چڙ ٿي روح کي وڍڻ لڳس.

ان ڪانپوءِ هت سدائين ماءُ کي ۽ پيءُ کي ڏارين نظرن سان ڏسندي هئي. يا ماڻس کيس سڄ پــڇ ائين لڳندي هئي. اها نظرن جــي ڏاريــائپ ڪڏهن تــہ رت جي ڳانڍاپي کي بہ بي ترسائيءَ سان چيڻ لڳي، کيس ماءُ جي پيار مان بڇان اچڻ لڳي.

سندس نظر پنهنجي ڪٽ تي پئي. جنهن تي سندس ٻن سالن جو ڪڪو اگهور ننڊ ۾ پيو هو. ابهم ڪڪي تي اک پوڻ سان، کيس پنهنجو اهو پيٽ ڄاڻو حياتيءَ جو هڪ ڳورو، ڇهتيل ڪڏهن نہ پچر ڇڏيندڙ بار لڳو.

”کهڙن ويچارن ۾ پئجي وئي آهين امان، ميگهہ ڪر ڄاڻ سڄ ايريو.“

ماڻس غسلخاني مــان اشهد ڪلمون پڙهندي، وار ڇنڊينڊي نڪتي، سندس پير مان لنگهي، سندس منهن ۾

نهاري، وري ستل ٻارن ڏانهن ٻلهار ويندڙ نهار ڪري پوتي ناهي وچي مسلي تي ويٺي ماءُ جي اها نهار ڪيس نئول لڳي. ماڻس جي واز چندڻ ڪري پاڻيءَ جا ڦڙا جيڪي سندس منهن تي اچي پيا، تن ۾ صابڻ جي هلڪي هلڪي خوشبوء تنهن خوشبوء ۾ به ڪيس ڄڻ ڪنهن اگري بوء جو احساس ٿيو، هن ماءُ کي هاڻ وقت ڏٺو: پولهه جي لوڏ ۾ جوانيءَ وارو اڙهنگ موڙو ۽ ڳالهائڻ ۾ مناس پريل مناس: جنهن ۾ مامتا بدران، ماٺيل امنگ ڪانپوء چنچل ساڻو ڄڻ ڪ چوليون هٺندڙ.

”مٺي، چاليهن ۾ به ڀاڻڪي جوان جماڻ پٺي سمجهي“ ماڻس، ماءُ کان وڌيڪ هڪ عام رواجي هلڪڙي عورت لڳس.

جسم ۾ اوبتي آيل ڪتڪائي ڪرنٽ ٻڌجي، انگ انگ ۾ ڦهلجي ويس. واڻ واري منجيءَ تي ويٺي، پٺي ايا ڪيل گوڏا سولا ڪيائين. انهن تي ٻانهن جون نوٽيون رکي، هٿن جي ٺهي ترين مان منهن جهلي سوچڻ لڳي: پيار جو لڳ به ڪيڏو عجيب آهي. هرشي پياري ۽ وڻندڙ اها ڏي امان آهي، هونئن صبح جو اٿندي آهي ته، نماز کان وٺي نيرن پوري ٿيڻ تائين ٻارن کي پٺي ڇهڙون ڏيندي آهي. هاڻ ڪيئن نه سيني تي ٻلهار ويندڙ نهار ڪري وچي مسلي تي ويٺي آهي. مٺي، رن ........

”اڻي امڙ ڪڪي ماءُ، توسان آهي ته خير! ٻڙي ٻهر ٽيو اٿني وضوءَ کي ڇڻ ڇمي وٺي آهين. سيگهه ڪر.“ ماڻس پهرين رڪائت ڪانپوءِ سلام ڦيرائيندي چيس.

ماءُ جي آواز ڪيس گهري ننڊ مان ڇيڇاڙي اٿاريو. جلد جلد وضو ڪري، پوتي ڏاهي ماءُ حي پاسي ڪان پٽيرو مسلو ڏاهي نماز ۾ بيٺي. نيت ٻڌي چپن ۾ الحمدالله شروع ڪيائين. چپ مشين وانگر چرڻ لڳس.

.... هيءُ پيار به ڪهڙي نه عجيب شي آهـــي. ”اڻي امڙ“! انهن نفلن جي چوڻ جي ڊينگ ۾ ڪيڏو نه اونهون، ڪتمل پيار پريل هو. پيار جي هن ميل ۾ نيٺ اهو ڪهڙو گڻ آهي جو ماُمتا کي ته اپاري ٿو، پر هاءِ ڙي قسمت تنهنجا رنگ.

اٺل ڪري آيل گوڙهن کي زوريءَ انـدر واپس اماڻڻ لاءِ زور سان اکيون بند ڪيائين: اي مڻو شيطان نعوذبالله. وري نيت ٻڌي چپن ۾ الحمد شروع ڪيائن. سندس چپ مشيني انداز ۾ چرڻ لڳا. سواءِ ڪنهن ساهه جي، ۽ سوچ جي.

ٽي سال اڳ: شاديءَ واري رات. سڄو ڪمرو خوشبوءِ سان ٽب ٽيل. هن جي اڇڻ ڪان اڇاتل ڊپ سڄي وجود تي ڇانيل. ان وقت ويچارن ۽ ڊپ جي وهڪ ۾ لڙهندي اوچتو ڪيس اها رات ياد آئـي هئي: جڏهن هن چوريءَ چوري صفحي جـي دريءَ مان ماءُ ـ پيءُ کي ڏٺو هو. ۽ نـفرت ۽ ڪراهت جـي ڪن ۾

غرطا ڪاڏا هڻائين. اهو واقعو ياد ايندي، ڪيس پنهنجي ڪنوار هجڻ ڪان ۽ ڪنوار ٿي سينگاريل ڏاهي ڏڪي وهاريل هجڻ ڪــان نفرت ٿيڻ لڳي هــئي. ذليل ٿيل، ڪريل هجڻ جو احساس، جنهن ڪيس ڏي پنهنجن نظرن ۾ ڪيرائي وڌو هو. در ڪلڻ جو کڙڪو ٿيو، دل جو ڏڏڪو وڌي ويس. هن جي هٿ چراند وڇونءَ جا ڏنگ ٿي لڳس ۽ پيار مان بچان. گهوٽ جا سندس لسي بدن تي ترڪندڙ هٿ، ٽڏڙا ڪيڏي، اچاتل ڏپ جون ڇهڊڙون پائي هيٺ سرڪڻ لڳا. پوءِ نانگ جا ڏنگ جنهن اڌ مئو ڪري ڇڏيس.

سندس چپن تي هلڪي لچاري مرڪ پکڙجي وڻي، ۽ سياڻو. نانگ جا ڏنگ ماڻيل لست جي چيندڙ ڪنڪائي ڪري ڏيل، دفن ٿيل يادن جــي کنڊر مان ڪوري ڪڍيل سياڻو. جيڪو لوهه پائــي سڄي جسم ۾ ڊوڙي ويس ۽ پنهن تائين ڏوڏي ڇڏيائينس. سندس هستيءَ جي پوتي پوتي ڦڙڪڻ لڳي، ۽ پوءِ اها ڪوريل ياد: بدڪو ڏئي هن سان ڇهتيل.

وقت جي اها وڇوتي ياد نــه رهيس تــه، ڪڏهن نفرت ۽ بچان تي اچاتل لست ڇانئجي ويل.

امالڪ کيس ڇتو احساس ٿيو، نماز ۾ بــيٺل هجڻ جو. ڇاتيءَ تي رکيل ٻانهن کي ڇڏڪ ڀاڪر ۾ ڀڪوڙجڻ ۽ اندرين اڏمي وچان هنکي پاڻ ڏي ڇڪڻ جو "نعوذالله"

مٺو شيطان. پيھر نيت پڙائين.

”اٺي امان ڪڪي ماڻ، مٺي چاق تہ آهين؟ هيءَ توکي صبح لاڪر ٿيو چاهي؟“

ماڻس، جا ڪڏهوڪو نماز پوري ڪري رڙٿي ۾ چانهہ ناهي رهي هٺي، تنهنجي سڏ ڪيس چرڪائي وڌو. ٽڪڙي ٽڪڙي رڪوع مان ٿمڻدي سجدي ۾ وڃي، وري اٺي بيٺي.

اٺي امان ڪڪي ماڻ ، ماڻ جا لفظ ورجايائين.

”نيٺ امان ڪان مونکي ايڏو ساڙ چو تو ٿٺي؟ ، اوچتو اوتجي آيل سوال. هن مونکي پاليو آهي. مان بہ تہ ماڻ آهيان. نينگر جي نيپاج لاءِ چڻا چا سهٺو ٿو پوهہ [اجان تہ ابهم آهي.] امان بہ اٺين ٺي سٺو آهي. پوءِ بہ ڪڏهن ڪاٺس چڙ، ويندي ڪرهت! ۾ ذهن ۾ ان جو جواب اسرڻ کان اڳ ماڻس جو، اڻ لڪي همدري، ڏيا مامتا واري گنڀير منهنجو تصور اپڙي آيس. اکيون پڄي پيس. پڇتاءَ ۽ شرم ڳاٽو جهڪائي وڌس: امڙ، منهنجي جيجل، گهوٽم تہ تو ڪوٺہ ماريو پر پوءِ نڇاڻ چو توکان اٺين ساڙ.... ڏٺي منهنجا بشڪ ڪر، ڪاٺس ٿڌو ساهہ نڪري ويو، ”هاءِ منهنجا رب، هيءَ تہ پنهنجي قسمت آ جيجان، نيڻن جا ڳوڙها ٿمڻ ٿي آيس تہ زوريءَ اکيون پڄي، هيٺئين چپ کي چڪ هٺي، ڳيت ڏٺي، ٿمڻ لاءِ تري آيل ڳوڙهن کي پيٺڻ جي ڪوشش ڪيائين.

”هن چوريءَ کي وري الاءِ ڇا ٿيو آهي! ويٺي وضوءَ تي ته ڀير ڇٽ، ٻيٺي نماز ۾ ته ڇڻ ڇمي وئي آهي!“ ماڻس جي آواز سجاڳ ڪري وڌس. ماءُ جا اهي لفظ ايڏو ته اگرا لڳل، جو ڀانئي ته ڇهڙ ڏئي ڪڍيس. پر اندر جو سور اندر ۾ ئي اماڻي ڇڏيائين. ڪي گهڙيون اڳ، جو ماءُ لاءِ پنهنجائپ وارو جذبو اڀريو هوس سو مرونجي ڇڙ ۽ نفرت ۾ تبديل ٿي ويل.

جيئن تيئن نماز پوري ڪري ٻهاري ڪنيائين ٻهرين صفحو ٻهارڻ لڳي. ڪم تي دل نه وريس. روز روز جي ساڳئي ڪم جو ڇپندڙ احساس. مشين: فجر جي نماز، ٻهاري، ٿانو مانڻ پوءِ ٿوپو: حياتي تيليءَ جي گهاڻي وانگر پئي ڦري، جنهن ۾ رت. ست نپوڙجي ويل سامهون گهر واري ڪاليج ۾ پڙهندڙ ڇوڪري، خورشيد ذهن تي تري آيل. اٿس ڪو الڪو. چيلهه کي موڙو ڏئي سهنو سيٺي جو هلي ته جواني ٿلي ڦوهاري وانگر اڇلون ڏئي پئي ايامندي اٿس. وري پائي ٿيڏي ڪپڙا، مٿي ڪنهنجو مٽ ئي نه سمجهي. پولهه تہ ٻت ٻت ڪريس پر، ارهه به سوٽ شيڪيل، اٿس ڪا ليچ. پڙهڻ ڪانه تي وڃي ڇڻ ته يار وت.

پاڻمرادو آهستي آهستي ٻهاري به هلي رهي هيس ته ذهن به پر مان ڇوٽي سڙان! وڃي، اکوئي ....

ها، نيٺ منهنجي عمر ٻه ٽه ڪا ويل ڪانه آهي. ڀانيان ٿي ٽيويهن چوويهن کي ته ويهن ۾ مس شادي ٿيم، سال ڪن کان پوءِ ڪڪو. بس پوءِ ته، هاءِ الله! سنت ٿي ننڍڙڪو ڪري ويم. ۽ هاڻ! ڀلا سڄو ڏينهن اندر ٿي اندر ڀُٽي پڄرندس ته پوءِ وقت کان اڳ مڙهي نه ٿيندس ته ٻيو ڇا. هاڻ حياتيءَ ۾ رکيو ٿي ڇا آهي؟ اپاڙڪائيءَ ڪيس پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو.

صفي ۾ ٻهاري ڏئي وراندي ۾ آئي، ڪوڏن تي هٿ رکي، هيٺ اوڪڙو ويٺي ته چيلهه، وٽان سور جي سٽ اڀريس، جيئن ٻهاري ڏيندي اڳتي وڌي، لڳ لڳ جهرندو محسوس ٿيس ۽ پنين وٽ چڪ. ٻهاري ڏيندي چوڌاري نهار ڪيائين: ساڳيون ٿي شيون، ساڳين جاين تي پيل، جيئن ننڍپڻ کان هن گهر ۾ ڏسندي آئي هئي. سواءِ ٿورڙي ڦيرڦار جي، ڪيس پنهنجي ٿي گهر ۾ ڌاريائپ جو احساس ٿيڻ لڳو. ۽ پنهنجو گهر ياد اچڻ لڳس، ڀرپور سڪ مان انهيءَ گهر کي ڏسڻ جي چڪ آيس.

اڃا اڌ وراندي کي ٻهاري مس ڏني هئائين ته ماڙس سڏ ڪيس: ”اٺي امان، اڄ ڪڪي کي اٿاري ماني ڪارائيندس.......... اجهو اٿيو اٿي سدورو.“

سندس ڪڪو اٿي، اٿي هنڌ تي ويٺي ٿي روئي رهيو هو.

ڀاري ڦٽي ڪري رنڊڻي ۾ آئي، رُنڌڙ پٽ تي اتاچري نگاهه وجهي، چلهه جي ڀرسان ويٺل ماءُ کان پڇيائين: ”امان، بابا کي ماني ڏيان؟“

”نه، مان پاڻهي تي ڏيانس، تون پنهنجي نينگر کي سنڀال. صبح مرداني رينگٽ شروع ڪيو ڏائين.“

ماڻس ماني دٻڪيءَ تي رکي، هڪ هٿ ۾ ڪٽــي پٽي هٿ ۾ چانهه جو ڪوپ جهلي، مڙس کي ڏيڻ لاءِ اٿي. ماءُ جي منهن ۾ ڏٺائين: پيار منجهان ٻهڪيو پئي. ماني کڻڻ جي انداز کي ڏٺائين: ان ۾ چاهه ڀريل هو. سندس هلڻ جي چال کي ڏٺائين، انهيءَ ۾ جوانيءَ وارو موڙو هو. مانيءَ کــي ڏٺائين وڏيڪ ڳهه پيل، مکڻ جو ٽيرو رکيل، سندس ذهن هڪ ڀيرو وري ٻولاٽـــي ڪڍي: اندر ۾ ڪروڌ ۽ ساڙ اڀڙڪا ڏيڻ لڳس.

اوچتو سندس نينگر جي رڙ جو آواز ڪنين لڳس. ان۔ وٺندڙ آواز، ڏانهس ماني ڪٽي وڌي، ٽڪر پيچـي، ٻي دليو مٿي تي هٿ ڦيرائي، اچاتري پچڪار ڏڏــي چيائينس: ’ ڪاءُ شابس پٽ ‘.

پٽ کي ائين اچاترو پيار ڪرڻ، کيس عجيب لڳو. چيندڙ ته: اهو پيار ڪوڪلو آهي، ماءُ مامتا کان وانجهيل. پر ان احساس کان وڌيڪ، جنهن احساس کيس ڏوڙي ڇڏيو، سو هو: نينگر کان ڏارياٽپ جـــو احساس ته: اهو ٻار مٿس مڙهيل آهي، جنهن کي هوءَ کڻڻ لاءِ لاچار آهي.

ماڻس موٽي اچي چلهہ وٽ ويٺي. ماڻس جي پويان
ننڍو ڀاڻس ڪچيءَ ۾ ڪتابن جو ٿيلهو وجهي، ماءُ جي
هنج ۾ اچي ويٺو ۽ چيائين: ”امان، خرچي.“

”دل خرچي منهنجا پرين.“ ماءُ، پٽ جا ڳڻهي هڻن
ساز، ڳل جهلي، پنهنجي ويجهو آڻي، سندس نرڙ تي
چمي ڏني. رئي جي پلاند مان پائلي ڇوڙي، سندس
ننڍڙي هٿ جي ترئيءَ تي رکندي چيو، ”سنڀالي وڃ
اسڪول پٽ. رودن تي مٺا لارين وارا بيحال ٿيو پيا
گهمن.“ ننڍڙي ڪي ويندي ماڻس ڏٺو: سندس نيڻن ۾
مامتا ڀريل مقدس پيار ۽ مستقبل لاءِ نيڪ خواهشون
ڀريل هيون.

پنهنجي ڀاءُ لاءِ ماڻس جو اهو پيار ۽ پاڻوهہ ڪيس
وڍيندڙ ڇهڪ لڳو. پنهنجي ڪکي ڪي ڏٺائين.
جيڪو هڪ اک تي پنهنجو ابتو هٿ رکي سڏڪا
ڀري رهيو هو. ڪيس ڇڄي آئي، مامتا پڙڪو ڪائي، ڀري
پئي. گرانڙي پائي، چيون ڏيڻ لڳس.

”ڪاڏ سدورا پٽ، شابي منهنجا ستڙا.“ ناڙهس ٻہ
ڏوهٽي کي پرچائڻ لڳي. پٽس لاءِ ماڻس جو اهو پيار،
ڪيس دل ڏاريندڙ ٽنول لڳو. ذلت ڀري خيرات. رت
چمي ويس. اوچتو، سندس هٿ اٿيو، ٿهڪو ٿي، پٽس
جي ڪچڙي ڳل تي ڪريو. ڪکي جي ڳل تي ماڻ
جي لپاٽ جو ڳاڙهو نشان ٿي بيٺو. لپاٽ لڳڻ سان
هن ڪان رنيپ نڪري وئي ۽ ٻنا ساهيءَ سڏڪن ۾ اچي ويو.

”ڏر ڪري ويا، ته ڏياڻ نه لڙيءَ تي نٿهن.... مٺا موت به ٿئو اڇئي تو ته زندگي زهر ڪري ڇڏي آهي“.
ڪيس پنهنجي به سرت ڪانه رهي، سڄي ڏڪي رهي هئي.
”اڙي مٺي، خير گهر، ابهم آهي، نيٺ تيسو پيار ٿو ڪم آ،“ ماڻس چڙٻ ڏنس. پيار ۽ پاڻوهه مان ڏوهٽي جا ڳوڙها اگهڻ لڳي ۽ پٽي ٿٿڻ لڳي: ”نـ منهنجا لال، مان گهور وڃانءِ، تون مون ڏي آءُ،“
ڏوهٽي کي هنج ۾ کڻائڻ- پرچائڻ لڳي. پٽس لاءِ ماڻس جو اهو پيار ڪيس ڀرپور چٽر ٿي لڳو. هن پٽ کي ماءُ جي هٿن مان ڦري، ٻاهر آڳر ۾ اچي کٽ تي ستيو- مانيءَ جو تڪر سندس ڦاٿل وات ۾ وجهندي چيو،
”هان وٺ ڏر، مٺو پاڻ ته مري ويو، هيءَ جزا مٺي ۾ هٿي ويم.“ ڪيس سيني ۾ بار محسوس ٿيو. اکيون ڀرجي آيس، ڇڏڪ اجهوڪي، اکين مان پاڻي نيسارا ڪري وهندس، سندس دل چيو: وڏيون وڏيون اوڇنگارون ڏئي، رئي دانهون ڪري اهڙيون اوڇنگاريون، جيڪي جواڻ جمان مڙس جي موت تي ڏنيون هئائين. اندر جي گهراين مان زور سان اوڇنگاريون ڏئي رئڻ جي ڀرپور خواهش هيٺ، هنئين کي ڇڏي ڏيندڙ هڏڪي آيس، پر روئي نه سگهي. مواهه هن جي جو، سندس اکين مان پڻي ڳوڙها ڏڪري ڳلن تان سرڪندا وهڻ، جن کي هن رئي جي پلاند سان اگهي

نڪ ۾ آيل گوبو هٿ ۾ زور سان سنڪي، اڇلايائين،
جو ڦهڪو ڪري پٽ سان وڃي ٽڪيو ۽ آهستي آهستي
هيٺ رڙهڻ لڳو.

سج چڱو مٿي چڙهيو هو. معمول پٽاندڙ نيرن
ڪري، هوءَ رڌڻي ۾ نيرن ۾ ٿڦيل ٿانون کي ڌوئڻ لاءِ
ويٺي. ماڻس، ماني ڪري رڌڻي مان اڳ ۾ اٿي اڱڻ
۾ آئي هئي. هن راتوڪو ڪير هاڙو گلاس ان ۾ اچا
چار ملي ٿي مس ته ماڻس وٽس آئي، پنهنجي منهن تي
پيار. گاڏر همدردي آئي. سندس منهن ۾ ڏسي چوڻ
لڳي، "امان رضو".

"هون." هن رڪائيءَ مان وراڻيو.
"تو ڪان هڪ ڳالهه پڇان؟"
"ڪهڙي؟"

"امان، هي مڙس جي مرڻ کان پوءِ توکي ڪڏهن
ڪڏهن اوچتو ڇاتو ٿي؟" ماڻس ڏکياري ٿي چوڻ لڳي،
"امڙ اها ته رب جي رضا هئي، پلا تنهن تي ڪنهنجو
وس هو! ڏيءَ، نيٺ توکي ڪو روڳ..."
"ڪجهه به نه امان" هن مٿاڇرو وراڻيو.
"نه امڙ ڪو ته روڳ اٿئي. ڏس، مان ته تنهنجي
ماءُ آهيان نه." ماڻس سندس منهن ۾ چتائي ڏٺو، "مون
سان به نه سليندينءَ. هان؟" "نه نه امان. ڪجهه به ناهي.
بس اهيئن ڪڏهن ڪڏهن دل ملول ٿي ويندي آهي."
ڪنڌ هيٺ ڪري، هيئين چپ ڪي چڪ هڻي وراڻيائين.

”بس اهڙن ڇا؟“ ماڻس حجتي سوال ڪيس، ”پلا“.
ڇري ماءُ ڪان بہ لڪائين ٿي!“

پلا- سندس ذهن جو لفظ بولاتي ڪاڏي. منهن تي
اچ جي لالاڻ پکڙجي ويس. سيني اندر هلچل. چاڪ
بيٺل پاڻيءَ ۾ ڳرو پٿر اڇلايل. ڪنڌ شرم وچان هيٺ
جهڪي آيس. بدن کي ڏورو لوڏي، متي تي پوتي
ڇگيءَ طرح سرڪائي ڏاهيائين.

”پلا ڪنهن ڊاڪٽر کي....“
”نہ نہ امان، نہ-“

چاڪ روح کي رانيوتو تي لڳس. جنهن سندس
سڄي هستيءَ جو ڏ ٺدڙ سياڻو گهمائي ڇڏيو.
هوءَ بل ڪائي ڦري ۽ ماءُ سان ڇهڻي پئي، ۽ اوچنگارن
۾ اچي چئي.

ماڻس رڻي سان سندس ڳوڙها اگهيا.
”اٿ منهنجي سدوري. تون ڪڪي کي ڪٺي
وهنجارينس. ۽ تون بہ وهنج.“
”نہ امان، مان ٿانو ڌوئي پوءِ وهنجان ٿي،“
”اٿ منهنجي راڻي. چيو مڃ . شابس. رن منهنڊي
سڄائي ڇڏيو اٿئي. شابس ٻچڙيءَ کي.“

رڏڻي مان ٻاهر اچي هن ڪڪي کي ڪنيو. ۽
غسلخاني ۾ گهڙي. ڪڪي کي هيٺ وهاري، پاڻ
ڪپڙا لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيائين.

مان به ڪيڏي نه خودغرض آهيان جو هر ويرو ٿي امان کان سڙان. ٻيلي ٻيلي سوچ ۾ پنجي وٺي: امان نيٺ به ته عورت آهي. تنهن کان سواءِ ماءُ ڪيس نه ڇني ايندي ته ٻيو ڪنهنکي ايندي. پلا هن ماءُ جا لفظ ورجايا. ان جو مطلب ڇا ٿي ٿي سگهيو؟ اندر جو روڳ پروڙي ورتائين. سندس منهن ڳاڙهو ٿي ويو، جنهنجو احساس ٿيس. ۽ پوري بدن ۾ گرميءَ جي لهر پنهنجي لٽن کان آجي، بدن کي ڏنائين. ڪجهه عجيب محسوس ٿيس. نرڙ اڳيان آيل وارن کي ڪنڌ جي جهٽڪي سان پوئتي هٽايائين. پنهنجو ڪاپو هٿ ڳٽي تي ڦيرائڻ لڳي. ڳٽو گرم لڳس. هٿ آهستي آهستي هيٺ سرڪڻ لڳس: ڪنڌ کان ٿي بغلن وٽ. پوءِ ارهن جي ٻنڊڻ وٽ، مٿان آگر ڦيرائڻ لڳي. جسم ۾ گرمي وڌڻ لڳس. ڪاٺ جي تاڪيءَ تي اوڪڙو ٿي ويٺي. هٿ هيٺ رڙهندو ويس. پيٽ کان ٿيندو، دن هٿ جي ڇهاءَ سان اکيون پورجڻ لڳس ۽ اوچتو سندس پوري جسم ۾ ڪڪتائي ڏيندڙ ڏکڻي ايري، جنهن سڄي ننڍاڪڙي هستيءَ کي ڌوڏي ڇڏيس.

اکيون کوليائين: ڪکو پاڻيءَ سان ڪيڏي رهيو هو. پاڻيءَ جي لڳندڙ ڦڙڻ مان زندگي بخشيندڙ لطف آيس. پٽ جي بي پرواهيءَ سان ڪيڏڻ ۽ پاڻيءَ جي ڦڙڻ ۾ گڏگڏ ٿيڻ ڪيس ڏاڍو وڻيو. هڪ پرپور اندروني

جذبي جي شدت وچان جهٽ ڏئـــي پٽ کــي ڪنياڻين ۾ چاتيءَ ۾ ڀڪوڙي ڀنيءَ تــي پيار منجهان ٺڪيون هڻڻ لڳي. وري، پٽ جا ڳل پنهنجن ڳلن سان ملائي سندس ڳڃن تي، چپن تي، نرڙ تي، اکين تي ۽ ٻهڙين تي چميون ڏيڻ لڳي. ڇڙڪ مٿس چوڌاري جـو ڪو دورو پيو هجي. اندر ۾ آنڊ مانڊ بي چيني، جيڪا سمجهه ۾ ڪان آئـي، پـر ان آنڊ مانڊ ۾ اٿل هڪ تڪـــي پرپور وهڪري ۾ وهائي ڇڏيس ته: پنهنجي ٻچي کي چاتيءَ سان ملائي هڪ ڪري ڇڏي. بلڪل هڪ. هوءَ جذبن جي انهيءَ ڪن ۾ گهوماٽيون کائي رهي هئي ته مٿان ماڻس جو سڏ ٿيس: ”اٺي رضو، امان دير لائي-“

”اڇها آيس امـان.“ اندران وراڻيائين.
هن ڪڪي کي وهنجارڻ شروع ڪيو.

ماءُ جي آواز ۾ سندس پيار ڀرئي لهجي، هڪ ڀيرو وري ماءُ-ڌيءَ، اڃان ٻه وڏيڪ عورت، عورت جي وچ ۾ پنهنجائپ واري جذبي کي اڀاريو. ڪتـي ڳالهيون هلائيندي. ڪتي؟ خيال ئي خيـال ۾، پنهنجن ويجهن ماڻهن جا چڙا چانڊ مرد نظر مـــان ڪڍڻ لڳي. ممو، سندس.سوٽ ممتاز. جانٺو جوان. هلندو آهي ته مڙدانگي انگ انگ مان جهاٽيون پائيندي اٿس. پر هن ته شاديءَ کان ئي مرڪو انڪار ڪري ڇڏيو آهي. ماسيءَ جون ٽي ٽينگريون ساماڻيون وڻيون آهن. تن کي ٻه ٽپ جواب

ڏنائين. وڏي ماسات جا ته وار به اڇا ٿي ويا آهن. پيو ڪير؟ هوءَ پنهنجن مائٽن جي ڪنوارن کي هڪ هڪ ڪري نظر مان ڪيندي وئي. پر ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ ناامید ٿيندي وئي. اوچتو سندس ذهن ۾ هڪ چهرو اڀريو: عبدو لالي جو. جيڪو سندن گهر جي سامهون هڪ ننڍڙي ماڻڊلي کولي ريزڪي شيون وڪڻي پيٽ گذران ڪندو آهي. ڏندو متو. "مٺو". مٺو گهوري ته ڪڏهن ڏسندو آهي. سچو ڏينهن پيو دريءَ ۾ تڪيندو آهي. سندس دل ڌڙڪڻ لڳي. ۽ عبدو لالي جي شخصيت ۾ چڪ محسوس ڪيائين. منهنجي لاءِ ٿي پيو واجهائيندو هوندو. پر اوچتو، نراسائي سندس وجود کي وڪوڙي وئي: هو ته ڏاريو آهي. ذات نه ڇا قوم به ڏاري. ڪيس پنهنجي بيوس هجڻ ۽ قيد هجڻ جو چٽو احساس ٿيو.

الله سائين به مرد آهي نه، نالو ته مردن جهڙو انس ۽ نبي به سمورا مرد ٿي موڪليا اٿين. تڏهن تـه مرد چار شاديون به ڪري سگهن ٿا ۽ عورت لاءِ بيواهي ٿيڻ به، "نعوذبالله". هن پاڻمرادو تڪي وهڪ ٿي اوتجي آيل خيال کي پنجو ڏنو. سرت سنڀالي. ڏپ سندس عضوي عضوي ۾ پيهندو ويو. هـيءَ تـه مون ڪفر. اي منهنجا ڌڻي مونکي بشڪ ڪر.

پر ڪيس اچرج ورتو: انهيءَ معافيءَ ۾ اها دل جي سچائي ڪانه هئي. اچاتري من سان ڪوڪلا لفظ سڻڪيائين:

”اي منهنجا ڏاڏي مونکي معاف ڪر.“ اندر ۾ ڪا ڳالهه هرکي رهي هيس، اهائي ته: الله سائين به مرد ۽ نبي به مرد.
هڪ ڊگهو شوڪارو پيري، پاڻيءَ جو ڪٽورو مٿان لاٿائين. وهنجي ٻاهر نڪتي. ماڻس جي همدرديءَ ڳاڙهي پيار، سندس هستيءَ کي ڏوڏي ڇڏيو.

رات جا ڏهه ڪن ٿيا هئا. ٻار ماني ٽڪي کائي ۽ کيڏي ڪڏي پنهنجن پنهنجن جاين تــي ستا پيا هئا. ماڻس، پڻس کي زور پئي ڏنا. پاڻ جاڳيل سڌو سنئون ليٽيل ساڄي ٻانهن اکين تي رکيل.
ماڻس اٿي. سندس پير ۾ اچي، کي کهڙيون کيس ڏسي، اکيون وڏي بدنو کٽي ڪاڪوس ڏانهن وئــي. ماڻس مونتندي ٻيهر کيس ڏٺو ۽ پوءِ مڙس سان گـــڏ وڃي ستي. پلڻ چپ ماريو اٿين پئي هئي، ڇڻ جائي به ننڊ هجيس.
”رضوءَ- پيءُ، ڪجهه رضوءَ لاءِ سوچئي؟“
ماءُ جا لفظ ٻــڌي ڪائنس هڪ وڏو ساهه نڪري ويو. ڇڻ اهو ساهه ديرِ ڪان اندر ۾ ساڻيڌي رکيو هئائين.
”ها، مونکي به ته سندس الڪو آهي. نياڻي آهي نيٺ، جوان—پر....“
هيءُ پڻس جو آواز هو. سندس ڪــن وڏيڪ ڪڙا ٿيا ۽ ساهه ٻيهر جهلجي پيس.

”پر چاچا! ڏنتي کو بلو ڪرينس. نينگرين لاءِ ڪي ور ڪرا.“ ماڻس چيو ۽ هڪ ٿڌگ مڙس جي ٿنگن مٿان پيٽي ڪري رکيائين.

”رضوءَ ماءُ اهي ڏينهن ويا جڏهن نينگرين لاءِ مرد سڪندا هئا. تون پاڻئين ٿي ته سون کو پنهنجي ليکي گهٽايو هوندو.“

”ڪنهن سان ڳالهه چوريٽي؟“

”محموءَ ماءُ کي چيم ممتاز لاءِ، اڻ سڌيءَ طرح. پر تپ جواب ڏنائين. چي: نياڻي آهي.

پيءُ جا اهي لفظ هڏي سندس دل تي چڙ پتر ڪري محوري جسم جون رڳون تاڻجي ويس.

”پر نيٺ ته منهن سر ڪبس“ هيءُ ماڻس جو آواز هو.

”نيٺ مان کهڙو ڪارو منهن ڪيان. ٻئن هند ڳالهه چوريم، پر ڪتو جواب. هڪ ته ڇوڪريءَ جو پيءُ، بي شرمائي ڪري ڳالهه به چوريان. پر پيلي، مان نا اميد آهيان رضوءَ ماءُ.

”پنهنجي پنهنجي قسمت آ. پلا اٿين ڪري به چاڻا سگهون. پنهنجو گهر اٿس، حياتيءَ جا چار ڏينهن ڏکه سک ۾ گذاري وجي پار پوندي.“

ماڻس چپ رهي ۽ هڪ وڏو شوڪارو پريائين. پڻس به وڌيڪ نه ڳالهايو.

ماڻ- پيءُ جي اها خاموشي کيس کائڻ لڳي. اها خاموشي کيس واڇوڙو لڳي. جنهن ۾ پاڻ ڦاسي پوري

رفتار سان گهوماڻيون ڪائي رهي هئي. پاسو وراڻــي ماڻهـ- پيءُ واري ڪٽ ڏانهن منهن ڪري، اڌ اکين سان ڪين ڏسڻ لڳي: ماڻس، پٽس کي ٻڪ وجهيو ستي پئي هئي. ٻئي پاسي منهن ڪري چڏياڻين. ۽ پـر ۾ ستل پٽ کي ٻانهن هيٺان ڏئي، پنهنجي ڀاڪـر ۾ آندائين، پنهنجو ڳٽو، ڪڪي جي ڳٽي تــي رکيائين. ڪيس عجيب قسم جي تسڪن جو احساس ٿيو. اکين جــي ڪنڊن مان گونگا ڳوڙها وهڻ لڳس. جــي ڳٽن تان ٿيندا وهائي ۾ جذب ٿيندا ويا.

# ڏيي کهاڏي

اچوڪي صبح واري اخبار جي اهم خبرن منجهان
هڪ خبر: پنهنجي ڏيهه ڪي مارينڊز شهر جو برک ۽
جهونو وڪيل گل محمد، جنهن ڏسي پرهينءَ ڪورٽ ۾
پنهنجي ڏيهه ڪي مارڻ جي ڏوهه هيٺ ڪيس هلڻو هو،
سو رات پوليس جي پهري هيٺ وارڊ ۾ مئل لڌو ويو!"

هن ڪيس جي اهم خاصيت هيءَ هئي ته: نه رڳو
وڪيل صاحب جي ڊاڪٽر، مسز زال، جيڪا به هڪ
پڙهيل ڳڙهيل عورت آهي ۽ سنڌس وڏي پٽ، جيڪو
به چڱي خاصي عهدي تي آهي، جي بيانن منجهان، پر
مرحوم جي هٿ واري ٽپڙا منجهان پڌرو هو ته شهر
جي ڏاهي وڪيل پنهنجي ڏيهه کي چاڻي واڻي ۽ سٽيل
رٿا پٽاندڙ ماريو هو.

مرحوم جي زال ٻڌايو:
"منهنجي هڪ ئي نينگري، جنهن کي منهنجي مڙس
سعيو ڪري ماريو، سا ننڍپڻ کان وٺي ئي چري هئي.
اسان سنڌس علاج ڪرائڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو. نيڪ
تي ويندي هئي، وري ساڳي حالت. ملڪ جـي وڏين

وڏين اسپتالن ۾ ۽ ماهر ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائڻ
کان پوءِ بہ، جڏهن سندس مڪمل طور نہ سڌري تہ
پوءِ اسان کيس آمريڪا نيئي وياسين. اتي سندس علاج
تي هزارين روپيا خرچ آيو. پر، خير سندس حالت ڪافي
سڌري. اتي ٻن-ٽن مهينن دوران چڙيائپ جو سندس
ڪوبہ شديد دورو ڪونہ پيو. جيئن تہ رڙيون ڪرڻ،
گاريون ڏيڻ، پنهنجي سر منهن ڪري لوهہ پائي پچڻ،
يا وڙهڻ وغيره. البت چپ چپ ۽ موڳي موڳي رهندي هئي
ماهر ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ آهستي آهستي نارمل ٿي ويندي.
اسين کيس واپس وٺي آياسين ۽ دوائن جو ڏسيل ڪورس
کيس باقاعدي ڪارائيندا رهياسون. هتي ٻہ مهيني ڏيڍ
ڏئين ساڳي حالت ۾ رهي. چپ چپ ۽ موڳي مڙڳي.
ڳالهائيندي هئي تہ موڳائپ سان ۽ ڇڙ ڪجهہ سوچيندي
سوچيندي ياد ڪندي ڪندي....

"خير، اسان کي وساهہ هو تہ اسان جي اڪيلي
۽ پياري نينگري ٿورڙي ئي وقت ۾ نارمل ٿي ويندي.
وڪيل صاحب وٽ ٻہ جونيئر وڪيل هئا، جي وٽس
سکندا هئا. انهن منجهان هڪ سلڇڻو ۽ شڪل شبيهہ
جو ڏاهوڪو جوان هو. وڪيل صاحب جو سندس ڏاڍو
راز هو. غريب هو، پر ڏاڍو مخلص ۽ ايماندار هو. وڪيل
صاحب خيال ڪيو تہ ڇوڪري بہ هاڻي ٺيڪ ٿيندي
پئي وڃي، سو سندس شادي انهيءَ نوجوان، پنهنجي

جونيئر وڪيل سان ڪرڻ لاءِ سوچيائين. مون سان صلاح ڪيائين. جو مرحوم سدائين منهنجي ڳالهه، ڪي رکندو هو. سندس نظريو هو ته زال زندگيءَ جي ساٿي آهي، دوست آهي. دوستن جا باهمي لاڳاپا سدائين هڪجهڙائيءَ جي بنياد تي هوندا آهن، نه عام رواجي زال-مڙس جي لاڳاپن وانگر، جن ۾ زالن مٿان مردن کي برتري هوندي آهي. هو انهن مذهبي تصورن تي ٺٺوليون ڪندو هو، جن ۾ مردن کي مجازي خدا ڪوٺي، عورت تي لازم ٺهرايو ويو آهي ته انهن جو هر طريقي سان خيال رکن ۽ نالي ماتر عورتن جي حقن جو ذڪر ڪري، عورتن لاءِ مردن جي خدمت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ فرض ٺهرايو ويو آهي. الا ڪيڏو نه عظيم انسان هو پاڻ!

"خير، مون کي به سندس اهو خيال وڻيو. ڇوڪرو مون کي پسند هو، ڇوڪري ۽ سندس مائٽن به ها ڪئي. سچ پچ امان کي هڪ نئين حياتي ملي. وڏي ڳالهه ته امان، پنهنجي منڙيءَ لاڏليءَ سان به ذڪر ڪيو، هن به انڪار نه ڪيو. بس! مان ڇا ٻڌايان.... خوشيون ڏي خوشيون هيون.

۽ پوءِ اوچتو، هڪ رات....

"مان سمجهان ٿي ته ان ويل رات جا اڌائي ڪن ٿيا هوندا ته اوچتو منهنجي راڻي [ مان ڪين پيار مان

سڏيندي هيس ] دانهن ڪري اٿي. ۽ پوءِ، انهيءَ وقت
کان پوءِ وري ساڳي حالت! هتي ڊاڪٽرن کي ڏيکاريو سين-
پر وقتي آرام، پوءِ ساڳي حالت. وڪيل صاحب بنهه
نا اميد ٿي پيو. بس، انهيءَ ڏينهن کان پوءِ چوٿين- پنجين
ڏينهن ڪيس ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي دل جو دورو
پيو. خدا خدا ڪري ڀاڻ بچيو.

"منهنجو خيال هو ته، نوجوان جونيئر وڪيل سان
جنهن سان ڳالهه ٿيل هئي، راڻيءَ جي شادي ڪرائي
ڇڏيون. من شاديءَ کان پوءِ چڱي ٿئي. پر انهيءَ جي
ابتڙ وڪيل صاحب جو خيال هو ته، اهو وڏو انساني
ڏوهه ٿيندو. ڇوڪري جي حياتي تباهه ٿيندي. ۽ اهڙي
اهڙو ظلم ۽ نا انصافي ڪرڻ نه گهرجي، جو پنهنجي
زندگيءَ جو عذاب، جيڪو اسان کي هڪ ڇٽيندڙن جي
حيثيت سان مليو آهي، اهو هڪ معصوم ۽ اڻ لاڳاپيل
انسان جي مٿان مڙهي ڇڏيون. اها سراسر بي انصافي ۽
مهاپاپ ٿيندو. مون کي سندس هن دليل، راڻيءَ جي
شاديءَ ڪرائڻ کان باز رکيو ته: ماءُ ۽ پيءُ جي حيثيت
سان ۽ هڪ ٻي ڌيءُ هجڻ جي ڪري پاڳلپڻي جي
ڪارڻ پيدا ٿيندڙ ڏکيائون ۽ تڪليفون جهڙي ريت
اسين رضا خوشيءَ سان برداشت ڪري وڃون ٿا، ممڪن
آهي ته، شاديءَ کان پوءِ به سندس نيڪ نه ٿيڻ جي
حالت ۾، هڪ مڙس جي حيثيت سان هو اهي برداشت

نہ ڪري سگھي ۽ ڪڏهن نہ بزار تي اهڙو قدم کڻي، جو هن کي ڪنهن قسم جو سخت هاڃو رسي. ۽ پوءِ مون چٽيءَ ريت محسوس ڪيو تہ والدين جي حيثيت سان اسين جهڙي ريت راڻيءَ جي پرگھور ڪري سگھون ٿا، نوجوان وڪيل، مڙس جي حيثيت سان نہ ڪندو انهيءَ ڪان سواءِ هيءَ بہ گھٽي حد تائين امڪان هو تہ چوڪرو انڪار ڪري. خير، منهنجي راڻيءَ جي حالت نہ سڌري، سا نہ سڌري، تہ انهيءَ وچ ۾ وڪيل صاحب کي پيو دل جو دورو پيو. اجا انهيءَ منجهان ئي چڱو ڀلو تي مس اٿيو تہ وري ٻيون دورو پيس!

"اها شام اجا بہ مون کي چڱيءَ ريت ياد آهي. وڪيل صاحب ڳالهيون ڏي اهڙيون اچرج جهڙيون، چرڪائيندڙ ويساهہ ۾ نہ ايندڙ ڪيون هيون، جن لاءِ مان ڪڏهن سوچي بہ نہ ٿي سگھيس! ۽ اها شام، اڄ بہ مون کي چٽيءَ ريت ياد آهي.

سرءُ جا ڏينهن هجن ۽ سرءُ جي اداس اداس، اپاڙڪي شام. اسين شامجي چڍهہ تي ورانڊي ۾ ويٺا هئاسين. مان، وڪيل صاحب ۽ نوجوان زال سميت منهنجو وڏو نينگر حفيظ، جيڪو ميونسپلٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ اسان کان ڌار، پنهنجي سيبتي زال سان، ميونسپلٽيءَ طرفان مليل بنگلي ۾ رهندو آهي. حفيظ روزانو پنهنجي زال

سميت شام جي چانهه اسان وٽ پيئڻ ايندو آهي. چانهه پيئڻ کان پوءِ ۽ ڪجهه وقت هتان هنان جون ڳالهيون ڪري ڪجهه وقت وهڻ کان پوءِ، نوجوان جوڙو اٿي هليو ويو.
”مون کي هتي هڪ ڳالهه ٻڌائڻ وسري وئي ته: جڏهن به اسان جي نينگريءَ تي چرياڻپ جو دورو پوندو هو جنهن ۾ هوءَ وڙهندي، ڏاڍيان ڳالهائيندي يا شيون وغيره پيچڻ لڳندي هئي، ته پوءِ انهيءَ حالت ۾ اسين کيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندا هئاسون. ۽ کيس مانيءَ يا چانهه ۾ پاڻ سان شريڪ نه ڪندا هئاسين. ۽ مان کيس سندس ڪمري ۾، نويڪلائيءَ ۾ کيس ڪارائڻ ۽ پيارڻ جي ڪوشش ڪندي هيس.“

”نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ اسين به وڃي رهياسين. پوڙها ۽ ڏکن جا ماريل. پاڻ تازو اڃا دل جي دوري جي حملي کان پوءِ ٺيڪ ٿي اٿيو هو، پر ڪافي هيڻو ٿي لڳو. نوجوان جوڙي جي اٿي وڃڻ کان پوءِ ڪا مهل اسين ٻئي خاموش هئاسين. اداس ۽ وياڪل. ڇو ته حياتيءَ جي ڏکن ڏاکڙن واري بار کي رضا خوشيءَ سان کڻڻ ۽ انهيءَ ۾ ڪنهن به قسم جي ڏک ۽ شڪايت ظاهر نه ڪرڻ جو اسان اڻ لکيل ناهه ڪيو هجي. پر ڪنهن ڪنهن مهل بار کڻڻ جو ست نه ساري، پنهنجي هن ڪمزوريءَ جو اظهار خاموشيءَ سان ڪندا هجون، جو ناهه موجب اسانکي ڪجهڻو ڪونه هو.

گهٽ ۾ گهٽ مونکي ائين لڳندو هو. ۽ هيءَ خاموشي به مونکي ائين پئي لڳي. خاموشي: بار هيٺ ڪنجهي ڪرڪي ساه پئي.

اوچتو چيائين:

’آڪاڻي يونان جي تاريخ ۾ اسپارٽين جي باري ۾ پڙهيو اٿئي؟‘

”وراڻيم: ’ها. جن جي حياتيءَ جو متو هوندو هو: ’وڙهو ۽ سوڀ حاصل ڪيو.‘ جن جي ڪارڻ اڄ ’اسپارٽين‘، جرئت ۽ بهادريءَ، سگهه ۽ سورهيائيءَ، سادگيءَ ۽ سڌي سنواتي هجڻ، فوجي ۽ سخت ڏي فيصلي ڪرڻ واري خاصيت ڪي علامت طور ورتو وڃي ٿو. ۽ هنن، ڪنهن پيري پوري يونان تي شان ۽ دٻدٻي سان حڪومت به ڪئي هئي....‘

چيائين: ’نه، منهنجي خيال جو مقصد تاريخ جي نصابي ڄاڻ حاصل ڪرڻ نه آهي.‘

”پوءِ نوڪرياڻيءَ هٿان سگريٽ جو پاڪيٽ ۽ ماچيس گهرايائين. مون کيس سگريٽ پيئڻ کان جهليو ڇاڪاڻ ته ڊاڪٽرن کيس سخت منع ڪئي هئي. منهنجي جهلڻ تي کلي وراڻيائين، ’زنده رهجي ته ڪنهن به پيڙا پوڳڻ کان سواءِ، سڪون ۽ اطمينان سان. ڇاڪاڻ ته زندگيءَ جو جوهر سڪون ۽ اطمينان ۾ آهي، پوءِ ڀل اها ڪيتري ڏي مختصر زندگي ڇو نه هجي. هيئنر منهنجي

ذهني سڪون لاءِ سگريٽ تمام ضروري آهي. انهيءَ ڪري هن وقت سگريٽن کان جهل معنيٰ ته سڪون کان جهل آهي'

"اهو سڀ ڪجهه انتهائي ۽ سنجيدگيءَ سان چيائين جيڪو مونکي سندس طبيعت ۽ ڳالهائڻ جي عامرواجي ڍنگ کان نرالو ۽ ابتڙ لڳو. خير، مون سوچيو ته ممڪن آهي ته بيماريءَ جي ڪري ائين هجي، جو سياوڙڪ آهي. سو مون ڪلندي چيومانس، دل جي بيماريءَ توکي وڪيل مان فلاسافر ٺاهي ڇڏيو آهي.'

ساڳي سنجيدگيءَ [ جيڪا پڻ مون کي غير رواجي لڳي] سان چيائين: ' هر لوچ، سوچ کي جنم ڏيندي آهي. مان انتهائي سنجيدگيءَ سان هڪ سنجيدي مسئلي جي باري ۾ سوچي رهيو آهيان. توکي هيءَ ته ڄاڻ هوندي ته اسپارٽين پنهنجن ڪمزور، نبل ۽ روڳي ٻارن کي جمان ۾ قتو ڪري ڇڏيندا هئا. تنهنجو ڇا خيال آهي؟'

وراڻيم: 'اهو سراسر ظلم هو، ڪين هو.'

چيائين "ٺي سگهي ٿو. پر انهيءَ ۾ هن لڪل سچائيءَ کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي ته اهي نبل ۽ روڳي انسان، جيڪي اڳتي هلي، وڏا ٿي، زندگيءَ تي بار بڻجن، يا زندگي مٿن عذاب بڻجي، تنهن کان بهتر آهي ۽ سندن ٻه انهيءَ ۾ ڀلائي آهي ته انهن کي اسرڻ کان اڳ ئي ناس ڪيو وڃي. تون هن کان

انڪار ڪري نٿي سگھين ته: زنده رهڻ، بذات خــود ڪنهن معنيٰ کان خالي ٿي نٿو سگھي. هر زنده وجود جون سرگرميون ۽ موجودگي ڪو ڪارج، ڪو مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکن ٿيون. خاص ڪري انسان جــي لاڳاپي سان هيءَ چئي سگھجي ٿو ته انسان جو وجود، ناهو خالي نلهو جيئڻ تائين محدود ناهي، پر مفهوم ۽ ڪا معنيٰ رکي ٿو....

”۽ چيائين: 'Struggle for existence' ۾ سرتــو وجود ئي جيترو رهي سگھي ٿو، سنهن ڏيئي سگھي ٿو، زندگيءَ کــي پنهنجن مقصدن پٺانـدڙ بدلائــي سگھي ٿو. جيڪو جيو، هن چٽاڀيٽيءَ واري جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي صلاحيت نه ٿيو، پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ جي صلاحيت به نٿو رکي ۽ پنهنجي نبل ۽ روڳي وجود ڪارڻ ٻين ٿي ۽ پاڻ تي بار بڻيل آهي، انهيءَ کي ختم ٿيڻ ئي گهرجي. ها ختم ٿيڻ ئي گهرجي....“

”جيتوڻيڪ سونکي اوچتو ئي اوچتو هلڪو احساس ٿيو ته، پاڻ ڪهڙي ڳالهه کي ذهن ۾ رکي اها اپٽار ڪري رهيو آهي ۽ سچ پچ مون کــي سندس ورچار انتهائي ڀوائتا ۽ خوفائتا لڳا. خير، ان هوندي به مون ڪائنس پڇيو ته: 'هن هموري ذڪر منجهان نيت اوهان جو مقصد ڪهڙو آهي؟'

”مرڪيائين۽ منهنجي منهن ۾ گهوري ڏنائين:
زوريءَ مڙهيل، ڦڪي ۽ معنيٰ پريل مرڪ. ’مان جيڪو
چوڻ چاهيان ٿو، ڇا تون واقعي نه سمجهي سگهي آهين؟
يا سمجهندي به، اهو سڀ ڪجهه تون منهنجي زبان مان
اڪلائڻ چاهين ٿي؟‘

”وراڻيم: ’مونکي توري اندازي تي ڪڙڪ پئي آهي.
...ڪن هجي ته منهنجو اندازو غلط هجي. بهتر آهي ته
تون صاف لفظن ۾ مقصد بيان ڪري ڇڏين.‘

”چيائين: ’منهنجو سڌو سنئون مقصد ماهتاب [منهنجي
ڌيءَ جو اصل نالو] ڏانهن آهي....‘

”مان سواءِ ڪجهه جي سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳس،“

”پاڻ چوندو رهيو: ڏس نه، هينئر حڏهن پاڻ جيئري
آهي، ته سندس حالت مثلن ڪان به ويل آهي. هوءَ نه
مٿلن ۾ آهي، نه جيئرن ۾. مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي
ته اهڙي ريت ڪيس زنده رهڻ ۽ رکڻ جو ڪيت مقصد
ڪهڙو ٿي سگهي ٿو؟‘

”ڳالهائيندي ڳالهائيندي اوچتو چپ ٿي ويو. مان
به چپ هيس. مون کي سندس سوچ جي انداز تي سخت
افسوس ٿي رهيو هو. منطقي طور ڪٿي پاڻ صحيح به
هجي، پر مون کي انهيءَ منهجهان خودغرضيءَ جي بوءِ
اچي رهي هئي. مان خود غرضيءَ جي پسِ منظر ۾ سندس
ويچارن تي افسوس ۽ ڏک وچان سوچي رهي هيس ته،

اوچتو چانيل خاموشيءَ ۾ سندس ڪمبندڙ ۽ ڏکـ ۾ پريل آواز پڌرو:

”شايد تون سوچيندي هجين ته، مان ڪائنس بيزار ٿي ويو آهيان، يا منهنجو پدرانه امنگ مرونجي ويو آهي ۽ سندس لاءِ منهنجو پيار ختم ٿـي ويو آهي. انهيءَ ڪري مرن هھڙي قسم جي ويچارن جي جواز ۾ پناهه ورتي آهي.

”زليخا! تون سوچيي به نٿي سگهين ته گذريل ٽي ڏينهن مون ڪهڙي ذهني پيڙا ۾ لچندي پچندي گذاريا آهن. اوهه! تون تصور به ڪري نٿي سگهين. پڌا! مان دل‌جو مريض آهيان ۽ تون خود Neurosis جي Patient آهين. [ اسان ٻنهي جون بيماريون حالتن جو نتيجو آهن] منهنجي ڪنهن وقت به هارٽ فيل ٿي سگهي ٿي. منهنجي مرڻ ڪان پوءِ تنهنجي ۽ ماهتاب جي حالت ڪهڙي ...ن. پڇ ته سندس انهن حالتن جو ڪيڏو ڀوائتو تصور آهي. توکي هيءُ واقعو شايد اڃا نـــه وسريو هجي، ڪجهه ڏينهن اڳ، جيڪا ٻنهنجي پاڙي ۾ ننڍڙڪي ڇري آهي، انهيءَ سان چئن چئن بدفعلي ڪئي، ها اهي چار چڙا جيڪي سياڻا هئا، رات جي سناٽي ۾ انهيءَ ڇريءَ جون هنيارءُ ۾ ڇهڪ وجهندڙ ڪيهون، شايد اڃا تنهنجي لاشعور ۾ هجن. مون کي پڌاءِ ته جيڪڏهن اهڙي حالت پيدا ٿئي، ته پوءِ ماهتاب جي محفوظ ۽ سلامتيءَ واري

زندگيءَ جي ضمانت ڪير ڏئي سگهي ٿــو؟ رياست:
جيڪا عام رواجي انسانن جو تحفظ ڪرڻ ۽ سلامتيءَ
واري ماحول مهيا ڪري ڏيــڻ ۾ ناڪام وئــي آهي.
ننڍڙڪين جي نگرانيءَ لاءِ سماج سڌارا تنظيمون: جيڪي
سڌاري، فلاح ۽ بهبود جــي نالي ۾ چڪلا ۽ بيگار
ڪئمپون کولي ويٺيون آهن.

’ها، منهنجي مرڻ کان پوءِ اوهان جو ۽ [خدانخواستہ]
تنهنجي موت کان پوءِ ماهتاب جو روايتي اصول موجب
بار حفيظ [ منهنجي پٽ جو نالو ] تي اچي ٿو، روايت
پٽاندڙ هو ان بار کي ڪڍندو. ممڪن آهي پهرين اخلاقي
فرض سمجهي ڪڍي، پوءِ ڪڍڻ تــي مجبور ٿئي، مجبور
تي بيزار ٿئي ۽ اڳتي هلي هن بي مقصد ۽ اڻ-ڪارج
زندگين جو بار ڍوئي ڍوئي ٿڪجي چڪنا چور ٿي پوي
هندس زندگي زهر بڻجي وڃي. نهٺ هيءَ ڪٿان جــو
انصاف آهي، ڪٿان جو اخلاقي فرض آهي، ڪٿان جو
اصول آهي، جو بيڪار ۽ بي مقصد زندگين، جن جــو
سماج جي ڪنهن به اداري ۾ ڪارج ڪونه آهــي، نه
رڳو اهو پر سندن زندگي، خود مٿن بــار بڻيل آهي،
اهو پڻ تي مڙهي، انهن کي زندگيءَ جي نعمتن کان
محروم رکيو وڃي! انهن جي حياتي وهه ڪئي وڃي.
’زليخا، مان توکان ٿو پڇان: فرض ڪر تــه مان
دل جي حملي سبب اوچتو اڄ يا سڀان مري ٿو وڃان،

[ جيڪو منهنجي خيال ۾ ناممڪن ناهي ]. منهنجي مرڻ کان پوءِ، ڪجهه عرصو تون ماهتاب جي پرگهور جو فرض يا مقصد پاڻ تي مڙهين. جيئري رهڻ لاءِ توکي نه ڪارڻ آهي، نه زندگيءَ لاءِ ڪو موهه. ها، تون مونکي پڌاءِ ته محض هڪ چريءَ ۽ بيڪار ڏيءُ کي، زنده رکڻ لاءِ، زنده رهڻ ۾ ڪهڙي ڏاهپ آهي! زايخا، مونکي پڌاءِ.... ,

”هو سوال جي نشاني بڻجي مون ڏانهن ڏسي رهيو هو. مون ڪيس ڪابه ورندي ڪانه ڏني. منهنجي سوچ جي صلاحيت ختم ٿي چڪي هئي. مان عجيب قسم جي بي حسي محسوس ڪري رهي هيس ۽ ڪابه ورندي ڏيڻ بجاءِ مون خود سوال بڻجي سندس منهن ۾ ڏٺو. هو ان مهل سگريٽ پي رهيو هو. سگريٽ چڪڻ ۽ آڱرين جي اعصابي لرزش منجهان مونکي اندازو ٿيو ته پاڻ به بي چيني جي ڪيفيت مان گذري رهيو آهي. مونکي گهٽ ۽ ٻوساٽ محسوس ٿيڻ لڳو. مان اتان اٿي پنهنجي ڪمري ۾ هلي آيس. مون سندس ويچارن تي شعوري طور ضابطي ۽ سسٽم موجب سوچڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪجهه نٿي سمجهه ۾ آيم ۽ نه ئي ڪجهه سمجهيو ٿي. اها سڄي رات بي چينيءَ ۽ پريشان ويچارن ۾ گذاري. مونکي ماهتاب تي ڏاڍو پيار اچي رهيو هو. هوءَ خاموش موکي ۽ پرسڪون هئي. مون

ڪيس ماڻـي ڪارائـي، ڏاڍو پيار ڪيـو ۽ ڪِرائڻ ـون پائي رنو.

”اها رات سندس ٻه دل جي تڪليف ۾ گـذري. جيڪا چاڻ مونکي ٻئـي ڏينهن جي صبح تي پئي تـه سندس دل ۾ سور جـون سٺون اپريون هيون. پر هن مون کي نه ٻڌايو. خير، ٻيو ڏينهن اداس ۽ خامـوش گذريو، ائين چڻ ڪوئي مري ويو هجي. البت منهنجي جهلڻ جي باوجود هو، ڊاڪٽر سان ملڻ جي بهاني ٻاهر نڪري ويو ۽ ڪلاڪ ڪن ڪان پوء گهر واپس آيو.

ٽئين ڏينهن صبح جو جيئن مان ماهتاب ڪي نيرن جي ماني ڪارائڻ لاء سندس ڪمري ڏانهن وڃي رهي هوس ۽ ان مهل پاڻ ورانديءَ ۾ آرام ڪرسيءَ تـي ڪنهن سوچ ۾ ٻڏل ويٺو هـو، چيائين: ”بس، ماهتاب کي نيرن جي ضرورت ڪانه آهي.“

منهنجو هنيانءُ ٻڏي ويو. ”ڇو؟“

”هوءَ ختم ٿي چڪي آهي.“ هن بظاهر ته اطمينان ۽ سڪون سان چوڻ جي ڪوشش ڪئي، پـر سندس اندر ۾ جو ڪجهه وهي رهيو هـو، اهو ڪائنس لڪي نه سگهيو. سندس آواز بدليل هو ۽ ڪنبيءَ ڳالهائڻ: ”دفن ڪان پوء مان ٿاڻي تي وڃي اعتراف ڪندس....“.

”مون ڏانهن نهارڻ کان سواءِ ئي هو اٿيو ۽ اندر ڪمري ۾ هليو ويو.

”منهنجا هوش حواس بلڪل خطا ٿي چڪا هئا.“ مرحوم جي پٽ ٻڌايو:

”منهنجي شاديءَ کان پوءِ بابــي سائينءَ خود ئي مونکي ڌار رهڻ لاءِ صلاح ڏني، چيائين: ’هي دور گڏيل گهراڻن جي شڪل ۾ رهــڻ جــو دور ناهــي. وڌيــل شعور ۽ انفراديتجي شديد احساسجي گهرج آهي ته، هر ڪنهن کي، ڪنهن به وڏي جي بالادستيءَ کــان سواءِ آزاديءَ سان اڀرڻ ۽ اسرڻ، اڳتي وڌڻ ۽ ڦهلجڻ جــو موقعو ۽ آزادي ڏني وڃي. توهان هاڻي پنهنجي پيرن تي بيٺل آهيو ۽ سماج ۾ اسان کان الڳ، جن توکي چئبو آهي، هڪ خودمختيار يونٽ جي حيثيت رکين ٿو. پٽ هيئنر تــون پنهنجي زندگيءَ جو پــاڻ ذميدار آهين....
دراصل مان به انهيءَخيال جو هوس ته، مائٽن کان الڳ رهان، ۽ مان الڳ رهڻ لڳس.

هن واقعي کان هڪ ڏينهن اڳ ٻارهين وڳي ڌاري پاڻ معمول جي ابتڙ منهنجي آفيس ۾ آيو. ظاهر آهي ته ڪيس اوچتو ڏسي مون کي ڪجهه ڪتڪو ٿيو. پر سندس ورتاءُ مان ڪنهن به قسم جي ڳڻتيءَ واري ڪا ڳالهه پڌري ڪانه ٿي. چيائون، ”ڊاڪٽر سان ملڻ ويو هوس سوچيم اج تو وٽان به هڪ راؤنڊ هڻي وڃان. پوءِ هتان

هنان جون ڳالهيون، ڳالهين دوران هڪ ٻيري چيائين، پٽ، دل جو مريض آهيان، بنا اطلاع ڪيڏي مهل به هن دنيا کي ڇڏي سگهان ٿو. پر جنهن ڳڻتيءَ کاڄو آهي، سا آهي ماهتاب جي مستقبل جي....“

”مون سندس انهيءَ ڳالهه کي فطري ۽ عام رواجي سمجهندي [ جيڪا هن حالت ۾ هر ٻيءَ کان متوقع ٿي سگهي ٿي،] چيو: ”بابا، اوهان ڪنهن به قسم جي ڳڻتي نه ڪريو، اڃا اوهان جي حياتي وڏي آهي، پراميد رهو.“ پوءِ پاڻ ئي هن موضوع کي ختم ڪندي چيائين، ”پٽ، انسان ڪيترو به پراميد رهي، پر هن حالتن ۾ هڙئي قسم جا ويچار اچڻ سڀاويڪ نه آهن، خير ڇڏ انهن ڳالهين کي.

”پوءِ هتان هتان جون ڳالهيون ڪري، پاڻ موڪلائي ويو.“

ڊاڪٽر ٻڌايو:

”واقعي ڪان هڪ ڏينهن اڳ، مرحوم ماڊي نائين ڏهين ڏاري مون وٽ آيو سندس ڳالهين منجهان مونکي ڪٿي به سندس اصل نيت جو ڪٿي جيترو به احساس نه ٿيو. ڳالهين دوران هو بلڪل نارمل پئي لڳو. اسانجن ڳالهين، جنهن کي بحث چوڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو، جو موضوع زندگي، زندگيءَ جو مقصد، ماهتاب جي لاڳاپي سان نارمل ۽ ائبنارمل انسان جي زندگي ۽

۽وت ۾ انهيءَ لاڳاپي سان رياست جون جوابداريون وغيره هو. جيتري قدر مونکي ياد پوي ٿو، هڪ پيري ڇيائين، جڏهن زندگي، [ پوءِ ڪيتري به دلڪش ڇونه لڳي ] خود عذاب بڻجي وڃي، تڏهن هن عذاب کان ڇوٽڪاري جو واحد رستو زندگيءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۾ آهي. يا، زندگي، زنده رهڻ جي ڏس ۾ جدوجهد جو پهو ناڻو آهي، جيڪو انسان جدوجهد نٿو ڪري سگهي، سات ڏئي نٿو سگهي جيڪڏهن انهن کان زندگي کسي وڃي، ته اهو ڪو گناهه ڪونه آهي ۾ اهڙي قسم جون پيون ڳالهيون، جيڪي هينئر سمجهه ۾ اچن ٿيون، ته هو ماهتاب کي ذهن ۾ رکي ئي ڪري رهيو هو ۾ اهي ڳالهيون ان وقت سندس ذهني ڪيفيت ۽ سوچ جي انداز کي ظاهر ڪن پيون. بهرحال مان پوري ويساهه سان چوان ٿو ته، وڪيل صاحب اهي ڳالهيون بلڪل نارمل حالت ۾ چيون ۽ مون کي انهن ڳالهين منجهان سندس اصل نيت جي ذرو به پروڙ پئجي نه سگهي. هو مون کان پوئين يارهين ڏاري موڪلائي اٿيو.

ڏوهه مجيندي مرحوم وڪيل صاحب جيڪو بيان ڏنو، انهيءَ منجهان ڪي ٽڪرا.

[ وڪيل صاحب جي گهريلو بيان جو ڪيل پاڳو سندس گهر واريءَ جي بيان جهڙو آهي. انهيءَ ڪري

جڏهن ته مائٽ خود محسوس ڪن ٿا ته هوءَ، مٿن بار بڻيل آهي- منهنجي آڏو ٻه رستا هئا: يا ته هن کي ماري ڇڏيان [ جيڪو رستو مون اختيار ڪيو ] يا ته ڪنهن تجربيگاهه ۾ موڪليان، ته جيئن باقي انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ تجربا ڪيا وڃن.

جيتوڻيڪ ڪيس مارڻ ڪري مونکي سخت صدمو رسيو آهي ۽ افسوس ٿيو آهي، پر منهنجو ضمير ۽ شعور بلڪل مطمئن آهي....

.... مان هميشه اطمينان سان مرندس.

ڪورٽ طرفان مقرر ڪيل ڊاڪٽرن جي ٽيم ڳڌيل راءِ ڏني ته، سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، جوابدار فوتي گل محمد وڪيل، جنهن پنهنجي ڌيءُ ڌيءَ کي ماري، انهيءَ جو اقرار ڪندي، پاڻکي قانون آڏو پيش ڪيو هو ۽ دل جي مريض هئڻ سبب ڪيس سول اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾، پوليس جي نگرانيءَ هيٺ رکيو ويو هو رات جي اڍائي بجي ڌاري دل ڌڙڪڻ سبب مئو آهي.

ڊاڪٽرن هيءُ به راءِ ڏني ته، جيڪڏهن وڪيل صاحب کي بروقت طبي امداد ڏني وڃي ها ته، سندس جيئري رهڻ جا امڪان وڌيڪ هئا.

[ بيشڪ جيڪڏهن وڪيل صاحب نه مري ها ته هيءُ ڪيس انساني لاڳاپن ۽ سماج جي اهم مسئلي بابت هڪ انوکو ۽ دلچسپ ڪيس ثابت ٿئي ها ].

# ٺين کهاڈي

پاڻ اچان ڪونہ آيو!

اج مڙني طبيعت ۾ فرق پئي پائيان. هلڪائي پئي ٿيم. ڪنگهہ بہ جهڪي آهي. پاسو ورايان.... الا! منهنجا رب! ڪٿ ٿي هڪ هنڌ: سنڌ ٿي سگهي ويا آهن. چاتہ ٿي وٺي آهياز: هڏن جو پڃرو. نہ منن ۾ نہ جسُن ۾. دفعتي ڪن ڪان تہ شڪل بہ ڪونہ ڏٺي اٿم. آرسي ڏسان. ڏهيو باهہ ڏينس. اجايو وري. بس اهئين مهيني ڪان متي- هن حال ۾ وري کهڙي آرسي ڏسان. سمجهان ٿي تہ شڪل کهڙي مور ٿي وئي هوندم. بس، وڌ ۾ وڌ مهينو. باقي رهيو ٿي چا اٿم جو جيئڻ جي آس ڪرياز: هڏن جو پڃرو انهيءَ ۾ ساهہ جو پکيئڙو. سو بہ پوين پساهن ۾. اجهو ڪي اڏائو—

پلا هن ڏک ڪرڻ مان، ڳوڙها ٽماڻڻ مان ڪي ورندو؟ هتائين وڏيڪ هرويرو جان جلندي. پلا جان جلائڻ مان ڪي وري تہ گهٽي جلائجي. نہ تہ هرويرو....

پاڻ تہ وسان ڪين گهٽايائين. وت ڪان وڌ پاڻ پتوڙيو اٿائين. شل سدا جڙيو هجي. نہ تہ هوڙا مڙس ڪٿي! هن حال ۾ بہ نياڻي پيو. جسَ هجيس. اج جا مڙس آهن جو-

پر اڃا ڪونہ آيو؟ هن مهل تائين تہ آفيس مان
اچي ويندو آهي. اڄ سان ٻي پهرين هتي منهنجي
ڪوٺيءَ ۾ ايندو، گورڊون ڪارائيندو، آٿت ڏيندو، پوءِ
لڳندو ٻئي ڏنديسان. معنيٰ تہ اڃا ڪونہ آيو آهي. مهل
تہ ڪپل ٿي وئي اٿس. پانيان ٿي تہ ساڍن ڇئن ڪان بہ
مٿي ٽيم ٿي ويو هوندو. متان ايندو هجي. ها، ايندو ٿي
هوندو. اوير سوير تہ اوس پئي ٿيندي آهي.

— آئي گورڊون.

گورڊون ڪاڏڻ جي مهل ٿي آهي، ڪڏهو ڪوءِ
۾ مان هنن ويچارن ۾ — پاڻ اچي هتن سان ڏيندو اٿم.
ڪيس خيال تہ هوندو، پر ڪو ڪم ٿي پيو هوندس.
ٿهيو مان ٿي ٿي.

پر هن سڪيءَ ڪي ڇا ٿيو! هيءُ تہ هن مهل تائين
اچي نڪرندي آهي. اڃا بہ اڪيرو، ڪو ڪم ٿي پيو
هوندس. نپٽيءَ ڪي هجي شاباس، نہ تہ اڄ ڪمر ٿو
ڪنهنجي ڪري. منهنجي ڪريءَ جو ڪري، سندس
ماني تنهن ڪان سواء. ٽيم تي اچي دوا پيارڻم، پر گهور
۾ تہ نہ ڏني اٿئين تتي نہ ٿڌي. پيا مٿ آهن جو هونءَ
تہ ٿهيو، آئيءَ ويل بہ آگونو ڪيڏيو ڏين. ويڙهو ساڳيو
رت ساڳو، ڪا اوپرائپ آهي! بس زماني جا رنگ آهن
پنهنجا بہ پراوا تہ ويجها بہ اوپرا! ماميءَ سڪينہ ـ ماءُ
ڪي بہ جس هجي، نہ تہ ڪير ٿو پنهنجي پيٽ ڄائون

ائين ڇڏي. امڙ جي لاڏائي کان پوءِ منهنجو تہ سائس ڪو ارواح اٽڪيل آهي. ڇوندا ڪونہ آهن تہ ماسات مٽي ذات... ٻس هئي ڙي قسمت! نہ ابو ڇڏيائين نہ امڙ. وري نياڻپ تہ ڏس، ڪا پينرڙي ٻہ— هائي هائي! ننڍپڻ کان ٿي وٺي گڏ ڪيڏيون ڪڏيون آهيون. اڇا ڪڪي هئي تہ هنج تي ڪٽي گهمائندي هئي سانس—

اٿي ڏنڌ! وڙي هيءَ ميون گوربون دل تان لهي ويم. ڪٿي ڪيهي ڇڏيان. ڇڏيو تہ هنن ٻہ اندر ساڙي آ، اصل جهڙي باهہ ٻٺي ٻريم. دل تہ گهٽو ٿي ٿي چوٻم تہ ٽڪ هٽي ڦٽو ڪري ڇڏيان. هاٺي باقي رهيو ٿي ڇاهي، جو— بس، سندس اجايو زور- ڪن ڏينهن جي تہ— ها، ٻاقي رهيو ٿي ڇا اٿم.

[ ڏڪ پري پيڙا ]

هـن مهل تائين تہ اچڻ گهربو هوس. ڏٺي شـل خير ڪري.

[ ڪٽتيءَ، الڪي ۽ اوسيئڙي جو احساس. احساس جو گهرو ٿيندو وڃڻ ].

[ اوچتو ]: مٺان!.... [ مرڪ ] هيءَ ٻہ جو گم آهي. مان ٻہ چوان تہ پاڻ هاٺي ڪڏهن ڪڏهن ذير ڪيو ڇڏي. هيءَ ٻہ ساڳي مهل. نہ تہ هن مهل تائين ٻٺي هتي هوندا آهن. هون! [ مرڪجو ڦهلاءُ ] هاڻ سمجهيم.

۽ ان ڏينهن شوڪو۽. ماءُ ته حق تـي تي. اهڙين
هـي رنون ڏيکر آهن. نه. سهو. ڏيک ڏنائين: مٿـي،
مڙسنهن ته... ، مان سمجهي ويس ته چاتي چوي. ڇهڙي
رن. ڦهڪي ڏنو ماڻس: آئي چوڻ، ڪهڙي اربع خطا
ڪيائين. اهو ته مڙس جو شان آ. نه ته مـڙس ڪيئن
سڏجي، رن، وئي ته ڀڄري هوندي. وري نـه ڪڇيائين
۽ ان ڏينهن هن ڏاڻي. ڏالو به ڏاڻي جو چڱو آهي ـــ
نجي۽ ماءُ تـي سندس لاءِ چيو ـــ اهڙين هـــي رنون
ساڙ سڙيون آهن. وڏيون پارسا ٿيو ڳهڻ. هون! مونکي
چڻ ڪل ٿي ڪانهي. سندن پتي پتي جي چاڻ اٿم. ته
وبڙهي ۾ ڪير ڪنهن سان ـ ۽ سندن مڙد بهـ رڳــو
پاهريون ڏيک اٿن. مڙني جي شرافت کي چاڻان تـي.
ساليون ته ٿهيو، چڏيون پاڇاڙون به ڪوڻ اٿـن. مڙني
جو ڪجهه ڏنو پيو آهي. باقي جي هن ڪجهه ڪيو ته
رنن کي پيٽ ۾ ولـوڙ اچي پيو. هنه! اصـــل پنهنجو
چرڪو هوندن.

ها، سوـ

آئي سڪي، شودي! مان به چوان ته مٺي، منهنجي
پرگهور ۾ مريو ٿي وڃين، جيڏي ڪيڏي مهل پڳــي
بيني آهين. اصل ساهه پٽي گهورين. پر اي مٺي! مان
سڀ چاڻان ٿي، سڀ کي ڪيتري وقت کان ويٺي جاچيان،

هڪڙي پيري پاڻ ڇيو هئائين ته: ساهيڙيون ته هڙيون هجن. اهو ٻڌي تون شرمائجي وئي هئينءَ. ۽ هن ڪليو هو. مان اهو سمجهان ٿي. ۽ ها- هڪ پيري ته اوهان ٻنهي کي اڪيلو ڏي اڪيلو ۾ ڪجهه چوندو ــ ادي! ڪو هڪ پيرو، مان نه چوان ٿي، جڏهن ڪان ڪٿ ٻلي ٿي آهيان، تو ڪاٽ هٿڙ- نپتي! واهه جي تو ساهيڙپ نڀائي آهي. هان ڙي- پرگهور منهنجي، رکو ٿالي ۾، مطلب پنهنجو. مان به چوان ته ــ

پر آئي نندوري! مان ڪارهي ڏوروئي آهيان. نه نه منڙيڻ. ائين ناهي. جڏهن ڪٿ ورتم ته نه چاڻ ڇو لڳندو هيم ته تون ۽ پاڻ- اهو ائين لڳندو هيم پا ڪا هيئن جي ــ هئي ته تون هن گهر جي ــ ۽ توکي ۽ هن کي ڪڏهن ڏيندي، ڪل پوکي ڪندي ڏسندي هيس تــ پاڻ ۾ دل پٽي ڪڏندي هئي، ها، قسم سان من پيو ڀڪندو هو. ۽ اندر ۾ ڪا آس ڪر موڙيندي هئي ته: تون ۽ پاڻ- ادي! مون سان نه قسمت ڪئي.

[ ڏک پري پيڙا ]

جڏهن ڪٿ ورتيم، دل چيو ته بس هاڻي ڇهه آهي هاڻي ڏنءُ: ڇا وڃي بچيو آهي. بس ڪي ڏينهن: اڇي پڇاڻان. پلا ان جو ڪيتو پاڻ ڇو لوڙي، نيٺ اڳــي پوءِ ڪا ته اڇٽي آهي. ڇوري! ساڻس اهــڙو جڙنديءَ جهڙي منڊيءَ تي ٽڪ.

[ اڪيلو ۾ تري آڏل پاڻي ]

راڻي ڪري راڄ ڪرائيندء. جـي چڱا ڀير ڀرونئس
تہ دل تي راڄ ڪنديئس. سندس مٽ، پنهنجن ۾ آهي
ڪو سهي؟ ڇا مڙداڻو حسن. ڇا ڏيـا، ڇا قربائتو. نج
سون ٿئي ڙي.

شل جڙيو هجي.

ائي مان ڪو سڙان تورونڻي ٿي. من! سون سان تہ
قسمت ڪئي. هن ڇمار ۾. ان تي ڪنهنجو وس، ڪو
وسيلو. هاڻ تہ اها وڃي آس رهي اٿم، ڪيس اکين آباد
ڏسي وڃان. سون ڪيس ڏنو بہ ڇاهي؟ ڏک ڏولاوا- پيو
ڇا. وس پڇم تہ هٿن سان موڙ ہڏي، لائـــون ڏباري
وڃي قبر پيڙي ٿيان. اندر تہ ٿرہل هوندم. پلا دم تي
ڪهڙو ويساھ، هن حال ۾. باقي بچيو ڏي ڇا اٿم. هڏا
ۓ ڇم. هن روڳي پڃري ۾ قاتل ساھ. جـو پڪيڙو اڄ
اڏاڻو ڪي سيان. اڇي تہ ڇوندي ماڻس. پڇاڙيءَ جـو
اهو قرب ڪري، جيترو ٿي سگهي، منهنجي هونديئي-
ڪيس اکين آباد ڏسي، سک ساق تہ ساھ ڏيان....
پر اڃا هيءَــــ؟!

ڪا مهل تي اٿن!

پر هيءَ شودي بہ ڇڏيس نہ. ڇهٽي پٺـي هوندس
ڇچڙ ٿيو. آهي ڪنواري، پاڻ بہ تہـــ مان تـہ سندس

—[ ڏيان ]
هيءَ ٻس پس!؟
ها، اندران پٽي اچي، ڪوٺيءَ ماڻ.
”———؟“
هيءَ ته سندس آواز آهي:
—”ڪينا ڇا تون سمجهين ٿي ته— اوچري،
پڪو انجام، تون پروسو ڪر نه....“
اڳتي الاهه ڇا چيائينس؟
—”———؟“
هيءَ ته سڪيءَ جو آواز آهي، الاهه ڇا ورائيائينس؟
—”———؟“
هيءَ سندس آواز آهي.
—”———؟“

منهنجو نالو ورتائين، الاهه منهنجي نالي ڇاڻو چيس، اج ڀا سڀان مرندي؟ .... نه نه، ائين نه چيو هوندائينس. ويساهه ۾ ئي نٿو اچيم، مون غلط سمجهيو آهي. ڇڻو ڀڏڻ به ته نٿو اچيم، پر جي چيائين ته ڏهن به ڇاهه ڪو ڪوڙ ٿورو ئي آ. مون ۾ هاڻي رهيو ئي ڇاهي، جاڏي ته چوي ٿو: اج نه سڀان مرندي.
پر اي ڏولي! مان به ته اهو ئي پٽي چوان ته، پنهنجن هٿن سان مهندي لائي، وڃي قبر پيڙي ٿيان. ڇڄاڙيءَ جو هنن ننڊورن نيڻن سان ٿوڪي سرهو ته ڏسي وڃان. مون توکي ڏنو ئي ڇاهي: نياڳ، روڳ، قرض، ڏک ۽....

اڙي! اکين ۾ ڳوڙها! مٺا! اڄين ته نه ٿمو.
پٽي! هي ڳوڙها ته ... [ڳوڙها نيڻن ۾، مرڪ چپن تي].
چپ ته—
ڏيان:
هي آواز؟
چيڪٽ ٿيو؟— پاڻيان ڪٿ جو؟
سڙيات—
"————"
ها، هينئر،،، پاڻ — مون کي ته سندس عادتن جي—
نيٺ ساڻس—
نياڳي چپ ته.
ڏيان:
................
................
آئي منهنس! هيءُ مون کي ڇا ٿيو آ: اپ ساهي،
چانيءَ ۾ ڏڙڪو، لنو لنو ۾ ڇڪ ڪجهه ٻوڙي ويم!
پگهر ۾ شل! ۽ هيءُ....
؟ ؟.... آواز ته نٿو اچي؟ اڇا نه نڪتا!!
نيٺ منهنجي سر جو سائين به ته مڙد آ، مڙد، ڪو—

هوءَ اوسيئڙي ۾ هوندي.
پوڻا پنج پيا ٿين. ڇا ڪجي، نوڪري ناهي،
ٺوڪري آهي. غلامي: ذهني ۽ جسماني غلامي. رت ست

نپوڙجهو وڃي. جي ڪٽي ڪڇ، ته: نڪ ايڪسپلينيشن. ماڻهن گهرگهات وارا آهيون. پنهنجن ڪا بيماري هماري هوندي. ڪو گهر جو ڪم ڪار هوندو. نيٺ رت ته انهن لاءِ ئي ٿا ولوڙيون. ذري جو به احساس نه. آفيس ٽائيم کان پوءِ جو وقت — چيو ناهي، شوريل اکيون وڃي هنيئون جهلين، ڇهڙون ڇليو ڇڏين. ڇڻ پورهيو نٿا ڪيون. خيرات ٿا گهرون. پنهنجن ڪي به ماڻهو هيٺائينءَ مان وراڻيندو آهي: بابا معاف ڪر. پيٽ لاءِ ڪرڻو ٿو پوي. نيٺ جيئرو رهڻو آهي. اسان جهڙن ماڻهن کي زنده رهڻ لاءِ غلامي ڪرڻي آهي. ڪيڏي ذلالت. مٿان ڊيونگ ته قومي خدمت آهي. پاڻ وتن عياشيون ڪندا، رڳي ٽين صحيح ڪرڻي. مصيبت اسان هيٺين لاءِ. ڇا ڪجي. مجبوري —

گورنرن به ڪاڏيون هونداڻين الاءِ نه. اوسمٽري پر ظاهر آهي. سندس ذهني ٽينشن جو ڪارڻ بڻيو هوندو اهو سندس لاءِ چڱو ناهي. ڪيس هرحالت ۾ مطمئن ۽ نارمل رهڻ گهرجي. سندس لاءِ اهو ضروري آهي. مون ته ڪيترا ڀيرا سمجهايو اٿمانس. پر اهو ڪنهن حدتائين فطري به آهي. ڏکي بيماريءَ ۾ ائين ٿيندو آهي. سو به ڪنهن مدي کان ڪٿ ورتل ماڻهو. نيچرل آهي. دوا ته هن بيماري هئندس. گوريون – سي به هن زوريءَ کارايون هوندس. ڪجهه وقت اوسيڙو ضرور ڪيو هونداڻين.

اهو چئي هڪ ليمپ بنجي ويو آهي ته، ان مهل جون گوريون ۽ صبح جو آفيس ۾ وڃڻ کان اڳ ۽ رات جو دوا مان ڏيانس. منجهند جي دوا سڪينا پياريس.

جيتوڻيڪ اهو چڱو ناهي. اوبر موير ته آهي ڏسي سهي. اسان جهڙا ملازم ماڻهو، ٻين جي وس. پنهنجي وس جو ته سوال ئي پيدا ڪونه ٿو ٿئي. محتاجي جا ٿـي، زنده رهڻ لاءِ. پر سندس عورتاڻو ضد: شام جون گوريون منهنجن هٿن مان وٺندي. اها چوڻي سچ آهي ته بيمار جو ضد، ٻار جي ضد سمان ٿئي. پر اهو ڪو ايڏو اهم مسئلو ڪونهي، جنهن تي مان پنهنجو مٿو کپايان. اصل ڳالهه آهي ته مونکي هرحال ۾ سندس خوشيءَ جو خيال رکڻ گهرجي. اجايو پيو ڳڻتي ڪيان. سڪينا اهڙي آهي جو- زوريءَ ڏنيون هرنداڻيس. هوءَ ته مون کان به وڌيڪ ٿي سندس خيال رکي. ها، جوڪڏهن هيءَ ويچاري هٿ نه وٺندائي ها ته ــــ

کهڙي نه سياڃهي ۽ لاچاري آهي. ويچاريءَ ساهڙپ توڙي مائٽيءَ جو حق صحيح معنيٰ ۾ ادا ڪيو آهي. سواءِ ڪنهن غرض جي. شاٻس هجيس. نه ته هيڏو سارو ويڙهو آهي، ڪي ڏاريا ڪونه آهن، ڪنهن جي به ڪن تي جونءِ ڪانه چري! سندس هوندي، هن جي بيماريءَ جي تڪاليف جو ته چڻ مون کي احساس ئي نه رهيو آهي. ٻهڙيون نينگريون ڪتي! باقي جنهن گهر ۾ ويندي.

اڙي ها، سچي. تنهن ڏينهن ماڻس پڌايو تہ ايندڙ مهيني سندس مڱڻو ڪرائي ڇڏيندا سين. ۽ پوءِ مهيني اندر شادي.

—”بس ابا، مڙئي ٿيو بار لاهڻو. نياڻي آ— نيٺ ڪيترو ويهاريس. هڪ ڏينهن تہ شينهن ڪلهي چڙهڻي آهي. پنهنجا پاڻ ۾ آهيون آئو....“

منهنجي خـيـال ۾ آنـو سندس لاءِ مناسـب ور ٿيندو. سٺو سڌريل آهي. روزگار سان. شڪل شبيهہ ۾ بہ ويل ڪونہ آهي، پر شڪل ڪـي چا ڪبو- وڏي ڳالهہ تہ سڌريل آهي—

چہ! سندس لاءِ گوليون وٺيون هيون. ويچارن ٿي ويچارن ۾- موتان: اسٽور واري جو قرض بہ چڱو چڙهي ويو آهي. سمجهان ٿو تہ ٽي-چار سو ٿـي ويا هوندس. ڪتي پنجن سون کي ڏڪ نہ لڳو هجي. گذريل پـن مهينن کان پائي بہ ڪانہ ڏني اٿمانس. دوائون ڏينهون ڏينهن وڃن ٿيون چڙهنديون. نہ آهـي حـد نہ حساب. قرض — بہ هزار کن ٿي ويو هوندو: آفيس مان ايڊوانس، دڪاندار جا، چا ٿيندو... ؟ ؟

[ ڳڻتيءَ جو وجود کي وڪوڙجڻ ]

لهي ويندو. حياتي آهي تہ پيو لاهبو. رکو سندس جان بچي. پيسن جو ڪهڙو ملهہ! اصل ڳالهہ زندگيءَ جي آهي. ها، زندگيءَ جي. اهي لاها چاڙها تہ مڙسن تي ايندا ئي آهن.

ڪيڏو نه شريف آهي. هيترا دوائن جا، پيسا ٿي ويا اٿس، پر محسوس ٿي ٿيڻ نه ڏنو اٿائين.
فائدو ؟

مان سمجهان ٿو ته.... پر ڊاڪٽر ته چوي ٿو، ٺيڪ ٿيندي پئي وڃي. مونکي ته ڪو خاص فرق نظر نٿو اچي. باقي ڇيو چا اٿس: هڏا ۽ چم. ممڪن آهي ڊاڪٽر رسمي طور آٿت ڏيندو هجي. سندن پيشو ئي اهڙو آهي. مريض کي ۽ سندس مائٽن کي پر اميد رکڻ ضروري ٿيو پوي. هڪ قسم جو نفسياتي اثر هونئن به اميد وڏي شي آهي. اميد جي آسري ته سڄي دنيا پئي هلي. مون کي پر اميد هئڻ گهرجي. ڪڏهن به ائين — خدا نه ڪري، سوچڻ نه گهرجي. ڏٺي چاهي ته چا نٿو ٿي سگهي. اڄ جي سائنسي دور ۾ ڪجهه به ناممڪن نه آهي. رڳو پيسو هجي. هوءَ ته اجايو—

— "بس! مهيني کان وڏيڪ جيئري رهي نه سگهنديس. تو منهنجي لاءِ....؟."

— "نه نه — چري، ائين نه چئه."

هوند: هڏا ۽ چم! مشڪل چڙهي.

نه — روڳي انسان اهڙيون نااميديءَ جون ڳالهيون سوچيندو آهي. فطري آهي. بيماريءَ جي حالت ۾ زندگيءَ مان دلچسپي رهي ئي ڪانه ٿي. پر — مون کي ائين سوچڻ نه گهرجي. مان ته تندرست آهيان، پر سندس ناچاڪائيءَ

مون کي به ڪنهن حد تائين، نه، گهرجيم ته ڪيس آٿت ڏيندو رهان. زال جي حيثيت مان سڄو نياڻو اٿس. مونتي ٻلهار ويندي هئي. اهو احساس ٿيڻ نه ڏنائين ته ڪو منهنجو الڳ وجود آهي. هر خواهش پوري ڪيائين. هر طرح جو خيال. نه ته اڄ زالون آهن جو مڙسن کي ٿيون ٽوڙا ڏيکارين. مجال آ جو ڪو مرد- پر هن ته مون سان-

بيماري: اها ته قدرت جي وس جي ڳالهه آهي. اڙي ها! سندس لاءِ فروٽ به ونڻو آهي. متان، ڪالهه وانگر وسري وڃيم. هيءَ ويسر ته سندس ئي بيماريءَ ڪري؟ الڪو نه رهي ئي تو. سڄو گهر ڊانوان ڊول ٿي ويو آهي، گهر ڇا، سڄي زندگي ڊانوان ڊول ٿي وئي آهي. ڪهڙا نه خوش هوندا هئاسين. پنهنجي حال ۾ مست. گهر جي ننڍڙي دنيا. جاني به، تندرستيءَ جهڙي نعمت دنيا ۾ ٻي ڪانهه آهي. هاڻي گهر ڪهڙو نه ويران ٿو لڳي. ڄڻ ته ڪو راڪاس گهمي ويو هجي. ها، عورت جو وجود ڪنهن گهر لاءِ ڪيڏو نه لازمي آهي. گهر ۾ عورت آهي ته زندگي آهي. نه ته- شايد، عورتون وري ائين سوچينديون هجن: گهر ۾ مرد جو وجود لازمي آهي. گهر لاءِ دراصل ٻنهي جو وجود لازمي آهي.

ها، ڏاڍو مزيدار ٽوٽڪو هو: زال ۽ مڙس پاڻ ۾ نه ٺهندا هئا. زال هئي ٿلهي ته مڙد سهڪڙو. پاڙيسري

منڊن جهيڙي ڪان تنگ ٿي پيو، سو هڪ ڏينهن وٽن اچي سمجهائڻ لڳو: زال ۽ مڙس هڪ ئي زندگيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن، جيڪڏهن هڪ ڦيٿو ٻه خراب ٿي پيو ته، زندگيءَ جي گاڏي نه هلي سگهندي. ان تي ٽلهي زال جي سنهڙي مڙد، پهرين زال ڏانهن پوءِ پاڻ ڏانهن اشارو ڪندي ورائيس ته: ميان جڏهن هڪ ئي زندگيءَ جو هڪ ڦيٿو ٽريڪٽر جو ۽ ٻيو ڦيٿو رڪشا جو هجي، ته پوءِ پڌاءِ ته اها زندگيءَ جي گاڏي ڪٿان هلندي؟

ويچارو سمجهائيندڙ پاڙيسري پيلڙو منهن ڪري واپس هليو ويو. دراصل جتي ٻنهي جو وجود لازمي آهي، اتي ٻنهي لاءِ ذهني هڪجهڙائي به لازمي آهي. نه ته گهر ٻسو ۽ جهيڙي جو آکاڙو، زندگي نامڪمل ته ٿهيو، پر مرڳو ئي زهر....

جي هيءَ مري و....

—[ ڳڻيءَ جو گهرو احساس. هن پيانڪ سوال سان، ته پوءِ ڇا ٿيندو. ]

نه نه، ڌڻي خير ڪندو. مون کي چڱائيءَ جي اميد رکڻ گهرجي.

—[ پاڻ کي ڏي ڏيڻ جي باوجود به، ذهن اندر زوريءَ گهڙي ايندڙ خطري جو احساس ].

هو: ”اڄ دير ٿي وئي،“ مرڪي، معافي طلب انداز ۾، ”دراصل...“

هرءِ: ”مڙئي خير آهي.“ ڀهڪندڙ چهري، مرڪ چپن تي.

هو: ”دوا پيتئي.“

هوءِ: ”ها.“

هو: ”گوريون به؟“ هلڪي مرڪ

هوءِ: ها— اڄ مڙئي فرق پيئي پيانيان.“

هو: ”ها ها، تون هاڻي جلد نوبني ٿي وينديئن. ڊاڪٽر چيو ٿي ته تون هاڻي تندرست ٿي رهي آهين....“

هوءِ: ”اهي مٺا ڊاڪٽر ته ائين چوندا آهن. نه ته ڪمائي ڪٿان ٿئين“.

هو: ”نه نه— پنهنجو ڊاڪٽر ڏاڍو ايماندار ۽ شريف انسان آهي. ڏس نه، توکي ڇام شوري جي وڏي اسپتال ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ هن ويچاري ڪيڏي نه ذاتي ڪوشش ورتي. پر هتي ته آهي، انڌير نگري، وڏن ماڻهن جي سفارش ۽ پيسو....“

هوءِ: ”باهه ڏينس مٺي کي. مون کي ته ان مارئي جي شڪل به ڏٺي نٿي وڻي. سيون هٽي هٽي پرڻ ڪري ڇڏيو اٿائين“.

هو: ”نه نه. انهيءَ ۾ پنهنجي ته چڱائي آهي. نيٺ تندرستيءَ لاءِ اهو ته مهٽو پوندو“.

هوءِ ”نهيو. ڇڏ ان مٺي جي پچار.“ مرڪ سان.

هو: ”سڪينا ڪاله ٿي ڏسجي، هلي وئي؟“

هوءَ: معنيٰ ڀريل نظرن سان، هلڪا مرڪيل چپ ڦهلائيندي، ڏانهس غور سان ڏسي ٿي.

هو: ”تون اڄ سچ پچ خوش ٿي نظر اچين.“ خوش ٿيندي.

هوءَ: ”چونه ٿينديس“. ماڻي جي هلڪي ادا: ڪنڌ ۽ جسم جي لوڏ، معنيٰ ڀريل نظرن ۽ ڀڪوڙيل پرڦهلايل چپن سان. ماڻي ۽ مرڪ جي انداز سان خوشي ٿمندڙ.

هو: اڄ جاڻي پاڻي ڀڄڪين پئي——“

هوءَ: هلڪو شرمائي ٿي.

هو: خوشيءَ، عجب ۽ پيار ڀريل نظرن سان ڏانهنس ڏسي ٿو.

هئي چپ. ڪي ڪن رکي.

هو: ”ها—— سڪينا وڃي هلي؟“

هوءَ: ”سڪينا—؟“ معنيٰ ڀريل سوال. ساڳي ادا سان هلڪو ماڻو.

هو: ”ها.“

هوءَ: ”پر سڪينا ته اڄ صبح کان پوءِ مون وٽ آئي ئي ڪانهي.“ ساڳيون معنيٰ ڀريل ڳالهيون.

هو: ”ها چيئه! آئي ئي ڪانهي!“ اچرج.

هوءَ: ”نه——“ ساڳيو معنيٰ ڀريل انداز.

هو: ”ڪمال آ! ته تو دوا ۽ گوريون پاڻ ئي ڪاڍيون؟“

هوءَ: ها! ٻيلا انهيءَ ۾ ڪهڙي وڏي ڳالهه آهي.“

هو: ”تعجب آهي.“

هوءَ: ”ڇاجو؟“

هو: هن جو ۽ مان بہ دير سان پهتس. توکي کيڏي نہ تڪليف ٿي هوندي — ڀلا ڪش ڪاڏي اٿئي؟“

هوءَ: ”ها، اها صبح جو ئي ڏيئي وٺي هئي. ڇو؟ ڇا ٿيو؟“ معنيٰ ڀريل سوال: ڪجهہ ڪوتڪ لاءِ.

هو: ڪي گهڙيون ڇپ.

هوءَ: ڀــڏڻ لاءِ ڏانهنس تعجب ۽ تجسس وچــان ڏسندي رهي ٿي.

هو: خاموشي ٽوڙيندي: ”تہ — هينئر ئي وڃي ونواهہ بہ وٺي ڇا.“ ڪلي مذاقي انداز بہ.

هوءَ: ”ونواهہ!“ ڏڙڪندڙ دل.

هو: ”هاـــ،“ خوش ٿيندي، ”توکي خبر ناهي؟“

هوءَ: ڪنڌ سان ناڪار ڪري ٿي.

هو: ”مون کي بہ ڪلهہ — يا ٿيون ڏينهن ماسي سڪينا ماءُ ٻڌايو تہ — سندس مڱڻو اينڌڙ مهيني انوءَ سان ڪندا“.

هوءَ: ”انوءَ سان!“

هو: ”ها. تاريخ بہ ٻڌي اٿن. شايد ٢٩ چنڊ جي. مون سمجهيو توکي خبر آهي.

”جوڙي واهہ جي ٺهندي.“

هوءَ: "انوءَ سان!!" مرڪينگهہ آواز ۾ ورجائي ٿي.
ءِ لڪيس ٿو: ڇو ڪائنس ڪجهہ وچائجي ويل.
اوچتو ئي اوچتو ڪري پيچي پيل. اما ڪنگهہ جي
دوري ۾ وچڙجي وچي ٿي. هو اٿي ٻئيءَ ٿسي هٿ
ڦهرائيس ٿو ءِ وري خطا تيل حواسن سان گلاس ڪئي
پاٺي پيرڻ لاءِ ٻاهر گهڙامنجيءَ ڏانهن تکو وڌي ٿو.

گلاس ڀري واپس اچي ڏسي ٿو، هو هوءَ ڪنگهہ ۾
وچڙيل، ساٺي تيل، سندس حواس خطا، ٽڪرو ٽڪرو
ڊاڪٽر ڏانهن وچڻ جي خيال سان ٻاهر پيچي ٿو، هن
خيال کي خيال ۾ نہ رکندي، تہ تيستائين هوءَ جيئري
ٻہ هوندي يا نہ——

# چوٿين کهاڻي

لڳاتار ٽن سالن کان پوءِ —

يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس جي وراندي مان لنگهندي: ايڊيوڪيشن ڊپارٽمينٽ ڏانهن ويندڙ دروازي وٽ اوچتو مٿس نظر پئي! هڪ اتفاقي حادثو. جنهن حادثي لاءِ جيڪڏهن ملي پوي ته پوءِ .، بابت ڪيترا پيرا سوچيو هئائين. اها آهي، ساڳي؛ بنهه ساڳي، ٿوري ڦير سان. ساڳيو اداس، گهمڀير، وڏاڪل چهرو. سانورو هن تبديلي سان ته سندس چهڪندڙ ڀهڪندڙ سانورائپ، جيڪا ڇڪ جا باعث بڻبي هئي، سان ڪاراٽيل ۽ ڪشش کان وانجهيل.

هن جي نهارٽيءَ مان پڪ ٿيس ته، هن کيس ڏٺو آهي. سندس دل ڌڙڪي، اندرين تبديلين ڪارڻ پنهنجي منهن جو رنگ بدلجندو ۽ نرڙ تي پگهر محسوس ڪيائين.

ايتري عرصي کان پوءِ اڄين، اوچتو؛ ملڻ تي، جنهن جو في الحال وهم ۽ گمان به ڪونه هوس، نه رڳو سندس وجود ڌڏي ويو، پر ڇهه ڪيهل عرصو اڳ وڏي جاکوڙ کان پوءِ مروٽيل ۽ چيپاٽيل ڏوهه جو احساس

ڪر ڪٽي بيٺس. اهو سِياويڪ هو. ائين ڄڻ ورتل قرض کي وسارڻ ڪان پوءِ، اوچتو سندس اڳيان ڇڏيندڙ ملي وڃي.

اندرين اٿل کي دٻائڻ لاءِ: اچرج، حيرت ۽ خوشي پاڻ تي مڙهيندي، مرڪندي ڏانهنس ڏٺائين. سندس اٻتڙ، هن جي منهن تي هن اوچتي گڏجاڻيءَ ڪري، ڪابه تبديلي ڪانه. ساڳي گمڀيرتا، خاموشي چهري تي. منهن لڳندڙ خشڪ، ڄڻ وينشنگ ڪريم لڳل ۽ چڱيءَ طرح مهٽيل. [ پر ڪيس چاڻ هئي ته هو وينشنگ ڪريم استعمال نه ڪندي آهي ]، هر عام رواجي ملاقاتوانگر ٻئي هڪ ٻئي کي ڏسندا رهيا، ڪي گهڙيون.

’تون هتي ڪيئن... ؟‘

’ايم. ايڊ جي داخلا لاءِ انٽرويو ڏيڻ آئي هيس.‘

’ٿي ويو؟‘

’ها.‘

’داخلا ملي ويندي؟‘

’گورنمينٽ موڪليو آهي انهيءَ ڪري ملڻ ڏي گهرجي.‘

چپ، ڪي گهڙيون.

’تنهنجا ڪهڙا حال آهن؟‘

’بس. ٺي....ڪ ٺي.‘

’ساڳي ٺي هند آهين؟‘

’ها، ٺٺي م.‘

’فيمليءَ سميت.‘

’ها.‘

ڪيس اهڙي قسم جي سوالن منجهان اوچتو هڪ قسم جو ڌڪ ٿيڻ لڳو. اهڙو ڌڪ، جيڪو پنهنجي پر ۾ ڪاميابيءَ سان ڏوهه، لڪائيندڙ ڏوهاريءَ کي، وڪيل جي آڏي پچا تي، دل جي چور ڪري ٿي. اهڙيقسم جي سوالن کان بچڻ لاءِ هن سنت رت ڏني، گڏجي چانهه پيئڻ لاءِ.

هن سندس منهن ۾ ڏٺو سوال بڻجي. جڻ ته اها رت اڻ-رواجيءَ طور، اخلاق کان ڪربل: ڪنهن اڻ-چاتل شخص کان، غير واقف عورت کي پهرين ٿي واتهڙو گڏجاڻيءَ ۾ ڏٺل هجي.

”ڇو؟“ حقيقت جي تهه کي پهچندي چيائين.
”مون سان گڏ چانهه پيئڻ پسند نه ڪندينءَ؟“
”هل.“

علي بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾ اچي ويٺا. سڄو رستو، جيڪو پنجن منٽن جو هو، خاموش رهيا. رستو ساڳيو هو، جنهن تان ٽي سال اڳ، جڏهن بي.ايڊ ۾ پڙهندا ها، ڪئين ڀيرا لنگهي چڪا هئا. هوٽل به ساڳي ۽ فيملي ڪمرن منجهان هڪ ڪمرو به ساڳيو. پاڻ به ساڳيا: هڪ ماستر ۽ ٻي ماستربائي. سڀ ڪجهه ساڳيو هوندي به، اوپرا اوپرا، ايڏو ويجهو هوندي به، اڻ-چاتل اڻ-چاتل!

ڪمري ۾ ڪجهه ابس هئي. هن ڪان اڳ ويٽرن، جي شايد ڪا گهڙي اڳ اٿي ويا ها، جي ڇڏيل گرمي، سگريٽن جي دونهين جي بوء سان.

"آئس ڪريم."

"نه - چانهه."

"گرمي آهي."

"تو ڪان شايد وسري ويو آهي ته مان چانهه جي وڏيڪ پياڪ آهيان. گرمي هجي يا سردي."

هينئر ڪوس ياد آيو ته هوء اعصابي ڪمزوريءَ ۾ واٿيءَ جي سور ڪارڻ، ٽڌو ڪڏهن به نه واپرائيندي آهي ۽ نه ئي پکي جي هوا هيٺان ويهندي آهي.

سندس جهلڻ جي باوجود چانهه هن ڌاهي.

"تون ڪڏهن دادوء ويندينءَ؟"

"سڀاڻي."

"انٽرويو بلڪل پورو ٿي ويو؟"

"ها."

دراصل هن چاهيو پئي ته، ڳالهين جو اهڙو لڳاتار ۽ رڌل سلسلو شروع ٿئي، جنهن هيٺيان، هيءَ ماحول ۽ هن جي موجودگيءَ ڪري، جيڪو هنيانءَ تي بار ٿي بيٺو هوس ۽ چانهه جي احمقانه صلاح جي ڪري پڇتاء جو پيدا ٿيل احساس اهو هيٺان دٻجي وڃي.

"ماميءَ جي طبعيت ڪيئن آهي؟"

"ساڳي."

سوچڻ لڳو: اڃا ساڳي حالت ۾! هن ڪـي نه هن وقت تائين مرڻ ڪپندو هو. هنن ٽن سالن جـي دوران سندس باري ۾ سوچيندي، ويچاريو هئائين ته ماڻس مري چڪي هوندس.

"ڪمزور ته ڪافي ٿي وئي هوندي."

"فطري آهي."

"تون به لهي وئي آهين؟"

"ڇڏ پڇا!" انتهائي ڪنجوسيءَ واري مرڪ سان چيائين، "توکي ڏسڻ ۾ دوکو ٿيو آهي."

هُو پوءِ هن، سندس منهن ۾ گهوري ڏٺو: اصل عمر کان وڏي ٿي لڳي. سندس مٿي تان رڏو مرڪي کلهن تي اچي ويو هوس. وارن ۾ چڊا چڊا اڇا ڏٺائين. اکين ۾ چمڪ... ساڙزو ڪارائيل، پيلاڻ مائل رنگ.... اوچتو ٽي سال اڳ، پڙهڻ جي دوران جڏهن ڪيس هڪ شديد انديشي جـي احساس هيٺ لڳندو هو ته، هوءَ بـه ماءُ وانگر سلهه ۾ وٺبي، ان احساس جي انومان جو ساپيان روپ پاتيائيـن، سندس منهن جي ڏسٽيءَ ۾ نه چاهيندي به سندس منهن ۾ چتائي ڏسڻ لڳو. نه چاهيندي به هن جو چهري ... جو سلهه هاڻو: ڏيرو، ڪارائيل، اندر ڦهڪل کوپن ۾ چمڪندڙ مٺڪيون، تڪليف سان ڪڇندڙ ساهه ڪري، هيٺ مٿي ٿيندڙ هڏائين ڇاتـيءَ جو پڃرو،

ڦهلجنڊڙ- سسنڊڙ ناهون، ڳـل اندر ويٺل، ڪٻن سمان.
قيـاس ۽ همدرديءَ جـا احساس جاڳيس. اوچتو خيال:
پيلي - سائي ڪانگهاري جو .. ۽ دل ڪچي!

ٽي سال اڳ:

سيڪنڊري اسڪولن جي ماسترن لاءِ ٽريننگ جي
ڪورس، بي. ايڊ ۾ گڏيـاهه ڏناڏون، ڏسندا رهيا، نوٽس،
ليسنن جي تياريءَ جي سلسلي ۾ ملندا رهيا. گهرا ٿيندا
رهيا، سواءِ ڪنهن شعوري ڪوشش جي هڪ ٻئي جي
ويجهو ايندا رهيا. هڪ ٻئي کي سمجهندا رهيا. ڪڏهن
ڪڏهن فلم جو پروگرام. لڳ ڀڳ روز، انٽرويل جـي
دوران علي بابا ريسٽورينٽ ۾ چانهه، گفتگو، ڳالهيـن
جو نه ٽٽندڙ سلسلو.

هڪ ڀيري هن ڪيس پنهنجن گهريلو حالتن بابت ٻڌايو:
پاڻ گهر ۾ ٽي ڀاتي آهن. پاڻ، سندس ماءُ ۽ ننڍو
ڀاءُ، جيڪو هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو آهي سندس پـيءُ
تپيدار هو. ماڻس پڻ پرائمري اسڪول ۾ ماستريانڻي هئي.
ٻنهي جي پيار جو نتيجو هئي. ڇهن سالن کان پوءِ، جڏهن
هوءَ پاڻ اڃاننڍڙي هئي، پڻس تپيدار، ماڻس کي بلڪل ڇڏي
ڏنو. ان وقت سندس ننڍو ڀاءُ، ماڻس جـي پيٽ ۾ هو.
ڪيس پيءُ جو چهرو، جيڪو ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، اڃا
تائين ذهن ۾ ڪتل: ڀنگ پيئڻ ڪري ڳاڙهيون اکيون،
ڪاراٽيل چپ ۽ منهن تي ماتا جا داغ. گاريل.

۽ پوءِ ماڻس کي سلھہ ٿي پيٽي. يا ڪيس اڳيئي سلھہ جا اثر ھا، جيڪي پوءِ ظاهر ٿيا. ڇاڪاڻ ته سندس ماءُ، يعني هن جي ناني به، سلھہ وگھي مٿي ھئي.

۽ هينئر هوءِ پاڻ گھر سنڀاليندڙ هئي: ڪمائيندڙ، سلھہ ورتل ماءُ جي پرگھور ڪندڙ ۽ ننڍي ڀاءُ جو مستقبل سنواريندڙ. خاموشي، ڳنڀيرتيا ۽ سنجيدگي سندس شخصيت جو جز بڻيل. ڳالهائڻ ٻولهائڻ نهٺائي، بردباري خدمت ۽ شفقت جو اظهار، سندس گڻ بڻيل.

ملندا رهيا، هڪ ٻئي کي ويجهو ايندا رهيا. جيتوڻيڪ ٻنهي مان ڪنهن به هڪ ٻئي سان مستقبل جي ڳانڍاپي جو ڇڙو ۽ ڪليل اظهار نه ڪيو، پر اڳتي هلي مستقل وابستگيءَ جو ڇڙو ۽ گھرو احساس ٻنهي کي هو. لاشعوري طور پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ٻنهي کي لڳندو هو ته، پاڻ اڳتي هلي هڪ ٻئي جا ٿي ويندا. ذڪر نه ڪيل، اڻ لکيل، ڪڏهن اظهار نه ڪيل، محض ڳڍيل سمجهه، مستقبل بينيءَ جي ڳڍيل احساس هيٺ، ڳانڍاپي جو انجام ۽ ان ۾ لڳندڙ اهڙو ويساهه جو، ڪڏهن به ٻنهي مان ڪنهن کي اظهار جي ضرورت محسوس نه ٿي.

پاڻ چاهيندو هو ته ڪيس، شدت ۽ ڀرپور ڏڙڦ وچان

سيني ۾ ڪري، ڪيس ٺڦڪيون هڻڻ لڳي ۽ وارن ۾ آڱريون ڦيرائڻ لڳي- ۽ هن پنهنجي ڪياڙيءَ تي، سندس ڪرندڙ ڳوڙها محسوس ڪيا.

۽ پوءِ هر پيري اهڙو ئي شفقت ڀريو پيار، ٻنهي ڳوڙهن جي، خوشيءَ جي ديهل اظهار سان، سندس پرجوش ۽ ولولي واري پيار جي موٽ ۾.

هينئر، علي‌بابا ريسٽورينٽ جي فيملي روم ۾، جڏهن هوءَ سندس سامهون، خاموش ويٺل، پاڻ سوچيندڙ، انهن ٻهرين پيري جي ڳوڙهن جي ڪارڻ تي؛ ۽ پهتل هن نتيجي تي ته، اهي ڳوڙها، محرومين سان ڀربل زندگيءَ ۾ پهرين ملندڙ پيار جي موٽ ۾ ٿوري بجاءِ آڌر جا ڳوڙها ها!

۽ ائين ئي هلندڙ سلسلو....

ته هڪ ڏينهن ڪيس پڻس جو خط مليو، جنهن ۾ شادي سندس ٿوٽ سان ٿيڻ ۽ ڳالهه پڪي ٿيڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل هو. سندس وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هو ته، ڪيس، سندس سوٽ ڏني ويندي! چاڪاڻ ته سندس چاچو، حيثيت ۾ ڪانئن وڏو هو. هيءُ خط سندس لاءِ اڻ ملهي ۽ هڪ عجيب سپني نما خوشيءَ جو ڪارڻ بڻيو ۽ پوءِ ڪيس، ”هن“ سان هي ڪيل پيار هڪ راند لڳي؛ ورهونءِ، جيڪا ٿلهو وقت ڪاٽڻ

لاءِ يا دل وندرائڻ لاءِ ڪٿي وڃي. پر جڏهن هن، اندر جي دٻاءَ هيٺ ڪنهن ڪنهن مهل هن مامريءَ جي گنڀيرتا تي ٿي ويچاريو ته ان ويل، ڏوهي احساس جي تيز چهڪ جي پيڙا، سندس وجود کي ايڏو ته ٿي نپوڙيو، جو پنهنجو پاڻ کي بنهه حن ٿي ڀانيائين ۽ پوءِ ان ڏوهي احساس جي بار هيٺ ياٽ دل ۾ لڪل چوريءَ واري نيت جي لاءِ وات ڦاهڻ لاءِ، لاشعوري خيال هيٺ، ڪيس اهو خط پڙهڻ لاءِ ڏنائين.

هوءَ خط پڙهڻ لڳي. پاڻ سندس منهن ۾ ڏسڻ لڳو، سندس منهن تي ايندڙ ڀاون کي پڙهڻ لاءِ. ۽ ڏٺائين سندس ڪاراٽيل منهن ۽ خشڪ چپ. هن پنهنجي دل ۾ تيز ڌڙڪندي محسوس ڪئي. خط واپس ڏنائينس. خط واپس وٺي، پڇيائينس: ”تنهنجو ڇا خيال آهي؟“

هن سندس منهن ۾ ڏٺو، ڪيس لڳو ته، سندس اهو سوال هن کي نه وڻيو آهي، چيائين: ’جهڙو تنهنجو خيال.‘ پوءِ مرڪيائين. روئڻهارڪي مرڪ. جنهن مرڪ هيٺان ارمانن جو ڍير پوريل.

ٻئي ڏينهن سندس خط مليس:

’.... تون شادي ڪري ڇڏ. مونکي

ڪوبه افسوس نه ٿيندو. هن معاملي ۾

جذباتي ٿي نه سوچ. زندگيءَ جون ٺوس

حقيقتون، اسانجن جذباتي خواهش جي

تابع نه آهن. منهنجي حياتي هڪ ويران

برپٽ آهـي. مان به اهـو لئي چاهيان ٿـي
ته مون سان گڏجي ئـــي، برپٽ به
پڪين ۽ ڪجهه نه ماڻين، زندگي ماڻڻ
لاءِ آهي، اهاڪٿان جي ڏاهپ آهـي ته
هڪ صحتمندزندگي ڪي، مرنڌڙ، ناڪاري
۽ هاڃيڪار وجود-ان گڏيي ان صحتمند
زندگـيءَ ڪـي وقت کان مرجهائڻ، ۽
ڪجهه ماڻڻ کان سواءِ موت ڏانهن ڌڪڻ
جـا ڪارڻ پيدا ڪيا وڃـن؟ ڇـا اها
بي انصافي ناهي؟

منهنجي امڙ سلهه جي مريض آهـي.
منهن جي ناني به سلهه ۾ مئي هئي، انهيءَ
ڪري اهو قياس کان پري ناهي ته مان
به.... هجان. جيتوڻيڪ مان ڇاڻان ٿـي ته
اڄ جي دور ۾ هن مرض کان ڇوٽڪارو
بنهه ممڪن آهي، ان هوندي، خبر ناهي
ڇـو، [ جيڪو سياوڪ آهي.] منهنجي
دل ۾ اهو خيال گهر ڪري ويو آهي ته
منهنجي زندگي به منهنجي امڙ جي زندگيءَ
وانگـر اونداهين ۾ روڪبي آهي، مـــون
پنهنجو پاڻ کي انهيءَ لاءِ ذهني طور تيار
ڪري ڇڏيو آهـي، ته جيئن ڪڏهن به
شڪايت ڪرڻ جو موقعو نه پيدا ٿئي.

چاڪاڻ تہ شڪايت جي عادت پيڙا کي وڌيڪ پيمانے ۽ ڪربناڪ بنائي ڇڏي ٿي.

مان هيءُ سڀ جذباتي ٻڌجي، لکي نہ رهي آهيان. پر اڪ پٽ جاچي پوءِ قلم کنيو اٿم. مان سمجهان ٿي، اسان جو ميلاپ هڪ حادثاتي واقعو هو. اهڙو واقعو جيڪو منهنجي اجڙيل، ويران ۽ مرٺينگهہ زندگيءَ ۾ بهار جا جهوٽا کڻي آيو. پر مونکي سمجهہ گهرجي تہ، ۽ مان سمجهان ٿي تہ اهو لازمي ناهي تہ، بهار جو احساس ڏياريندڙ اهو حادثو ايڏو ڊگهو ٿئي، جيڏي منهنجي زندگي آهي. ۽ منهنجي اهڙي خواهش، سپنو تہ ٿي سگهي ٿي، پر حقيقت نہ. ۽ مان هن سچائيءَ کان ڀليءَ پٽ سڃاڻ آهيان، مان خوابن جي ديس ۾ نہ، پر ٺوس حقيقت [ پوءِ ڀل تہ اهي ڪيڏيون بہ ڪڙيون ۽ بي رحم ڇو نہ هجن ] سان ڀريل زندگيءَ ۾ رهان ٿي.

تو، مون کي جو ڪجهہ ڏنو، مان انهيءَ لاءِ انتهائي ٿورائتي آهيان، تو پيار ڏنل زندگيءَ جي سرهاڻ کي مان،

ساروٽين جي روپ ۾ ساندينديس. ۽ هن
سگهنڌ پريـــل گهڙين منجهان، جيڪي
منهنجي ماضيءَ جـو املهه خزانو آهن،
موت جـي پڇاڙيءَ واريـن گهڙين تائين
واس ونندي رهنديس.

مان وري به تنهنجو تورو مڃان ٿي،
سواءِ ڪنهن پڌر ۽ ڳجهيءَ جـي نئين
زندگي اڏ. منهنجون نيڪ خواهشـون
تو ساڻ آهن.

شل سدائين سکيو ستابو جڙيو هجين.

فقط:-

[ هن پنهنجوناٽو نه لکيو ]

بيشڪ هيءَ خط متس بم ٿي ڪريو. سندس وجود
کـي ذرڙا ذرڙا ڪري ڇڏيائين. پر ساڳي وقت، هـي
ساڳيو خط سندس وجود جي ٽٽل پکڙيل ذرڙن کـي
هڪ هنڌ ميڙڻ ۽ زندگيءَ ۾ تازو ساهه ڦوڪي، نئين سر
اڳوات ڪرڻ ۾، وات جي مشعال ثابت ٿيو!

سندس خط ڪان پوءِ، ساڻس ملڻ ۽ اکيـون ملائڻ
جي اخلاقي جرئت جـو ست نه سارڻ ڪـري، اوچتو
ڳوٺ هليو ويـو ۽ امتحانن جـي وقت موٽيو. امتحان
دوران هـــوءَ ساڻس ڪانه ملـي، نه ئي پـــاڻ اهڙي
ڪوشش ڪيائين.

ان وقت کان پوءِ هيءَ سندن پهرين ملاقات هئي.
هن سچي ملاقات جي دوران، هـ.ن. ڪائنس، سندس
ڏال يا پارن جي باري ۾، هڪ سوال به ڪونه ڪيو.
جنهن جو ڪيس پنهنجي من ئي من ۾ خطرو ضرور هو.
ائين گپل سهل وهئي کان پوءِ، نيٺ پاڻ ئي چيائين
'هلون' هن وراڻيو: 'بلي'.

پوءِ پاڻ، ڇهن هلڻ جي صفائي پيش ڪندي چيائين:
دراصل سونکي يونيورسٽيءَ مان پنهنجا سرٽيفڪيٽ وٺڻا
آهن، جو ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسرن جي چونڊ ۾
مون کي پيش ڪرڻا آهن، انهيءَ ڪري دير.........'

بل هن زوريءَ ڏنو. ڪيس، مرڪ سان هيءَ چوندي
ته: 'تون بچڙبوال آهين، توکي هن ريت هوٽلن ۾ پيسا
وڃائڻ نه گهرجن.' ۽ هو پيسا ڏيڻ چاهيندي به ڏئي
سگهڻ جي همت ساري نه سگهيو! دراصل هـــو، خبر
ناهي ڇو، پنهنجو پاڻ کي هن جي آڏو، گهٽ، خسيس ۽
ڊپريسڊ ۽ هڪ قسم جو ڏوهاري محسوس ڪري رهيو هو.

۽ پورن پنجن سالن کان پوءِ:-
جڏهن پاڻ گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ ۾ هيڊماسٽر
جي حيثيت سان بدلي ٿي آيو، تڏهن هوءَ گرلس هاءِاسڪول
جي انچارج هيڊ مسٽريس هئي.

ضلعي جي تعليمي آفيسرن ۽ ماهرن جي ماهياڻي ميٽنگ ۾ پهريون ڀيرو ڪيس ڏٺائين. جڻ خواب ڏسندو هجي: هڏن جو پڃرو، ڪاراٽيل ڏٻرو منهن، اندر ويٺل ڪوڏن ۾ چمڪندڙ ٽڪيرن، ڳلن اندر پيهيل، ڪنهن تڪليف سان ڪڇندڙ ساهه کڻي، ڦهلجندڙ سسندڙ نامون، سورا وار اڇا، هن هڏائين پڃري تي اڇي ڪير جهڙي ساڙهي، نيري ۽ سادي بارڊر سان. ڪئين ڀيرا ڏٺل خواب، پر اڻ ڇٽو ۽ مبهم! پهرين چاڻ هوندي به نه سڃاڻي سگهيس، پوءِ مهٿيل خواب لڳندي به، سڃاڻي ورتائينس. هن به ڪيس ڏٺو، ڳالهايو، پر ڪيس اهڙي لڪا ڪاڻ ڏنائين، ته ڪو ڪيس ڇ ڻي سڃاڻي.

۽ پوءِ ههڙن موقعين تي، انهن ٻي رسمي ملاقاتون: هڪ ٻئي جا چاتل سڃاتل، ۽ پوءِ به اڻ-چاتل، جنمن جا فاصلا!

هڪ ڏينهن:

پهرين پيرڊ هلندي ڪيس فون آيو: گرلس هاءِ اسڪول جي انچارج هيڊمسٽرس فجر مهل گذاري وئي.

سندس مٿان ڇرڻ ڪنوڻ ڪري، سندس جسم، اتي ئي ڪرسيءَ تي هڪ هنڌ جمي، پٿر ٿي ويو هجي.

اوچتي موڪل ميبان، ٻاهر شاگرد گوڙ ڪندا ۽ خوش ٿيندا گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا. تيچنگ اسٽاف سندس ڪمري ۾ گڏ ٿي چڪو هو ۽ جنازي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ گڏجي هاڻ وا-طي سندس انتظار ڪري رهيو هو.

# پنجين ڪهاڻي

ڊاڪٽر قمرالدين: شهر جي مشهور ۽ سٺن فزيشنس مان هڪ ذهين ۽ هوشيار. پريل بت، ڪڻڪ رنگو. جسم جي پوري پني اڏاوت ڪري پر ڪشش شخصيت. گنڀير ۽ سنجيدو. آزاد خيال ۽ شريف النفس. پنهنجي پيشي سان لڳاءُ رکندڙ. ايماندار ۽ انسان دوست هجڻ ڪان مشهور. شهر جي مٿين معزز هستين مان هڪ. پر پنهنجي حيثيت جي سرڪل ۾ بنهه گهٽ هلندڙ. ذاتي دوستن جو دائرو بلڪل نه. سواءِ، زميندار رئيس قربان عليءَ جي. جنهن سان ميٽرڪ تائين گڏ ڪلاسي هجڻ ۽ هينئر سندس فيملي ڊاڪٽر هجڻ جي ناتي دوستاڻا لاڳاپا. سي به تڪليف جي حد تائين. زندگيءَ جي هڪ روٽين: گهر، ڪلينڪ، مريض، پڙهڻ. ٻارن سان پيار، آرام. سواءِ آچر جي. جنهن ۾ پنهنجي مختصر فيمليءَ- زال امينه، نوجوان پٽ اڪبر، ٽيرهن سالن جي ڌيءَ ڪلثوم ۽ ٻن سالن جي پوٽي سان، ڪنهن تفريحي هنڌ تي ويندڙ.

صبح جو پنهنجي مثالي فيمليءَ سان گڏ نيرن ڪرڻ کان پوءِ ڪلينڪ ڏانهن ويندو آهي. وري ڏيڍ بجي اچي ساڻن گڏ منجهند جي ماني کائيندو آهي. آرام ڪندو آهي. وري شام جو ڇهين وڳي ڪلينڪ. وري رات جي ماني کان پوءِ ڪجهه مهل تائين بنگلي جي اڳيان لان ۾ يا ٻاهر خالي روڊ تي پسار ڪندو آهي ان پسار کان پوءِ، پنهنجي ڪمري ۾ اچي پڙهندو آهي، ڪيس تي ويچاريندو آهي ۽ ڪتابن مان رفر ڪندو آهي. سندس ڪمرو بلڪل خالي آهي. ۽ سادگيءَ سان هر شي رکيل ٻه شيلف جي مٿئين تختي تي ڪنهن ميڊيڪل ڪمپنيءَ طرفان ڇپيل ڪئلينڊر، ڪجهه دوائون ۽ ڪجهه رسالا رکيل، ۽ هيٺين خانن ۾ سندس پيشي سان تعلق رکندڙ ڪتابن کان سواءِ ادب، فلسفي، نفسيات ۽ سائنس جي مختلف برانچن جا ڪتاب نظر ايندڙ. سجي ڪمري ۾، رکيو سندس ڪٽ جي مٿن کان، ڀت جي پوري وچ تي هڪ فريم ٿيل تصوير، هڪ فطري نظاري جي. ڪمري جي سادي سجاوٽ ۽ ڪتابن مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڊاڪٽر ڪيڏو سادو، گهرو ۽ پنهنجي پيشي کان سواءِ، ٻين علمن جو به اڀياس ڪندڙ آهي. ۽ سندس فيملي هڪ مثالي فيملي آهي.

رات جي ماني کائڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر ٻيوءَ کي هنج ۾ کنيو: ڳل تي چمي ڏنائينس. ٻن وڏن ٻارن کي

ٻہ ٻليان اچڻ لاءِ چيائين. ۽ پوءِ اندر ڪمري ڏانهن وينڊڙ زال ڏانهن مرڪي ڏٺي، ٻنگلي جي اڳيان لان ۾ آيو. پيوءِ کي همٿ لاهي، سندس آڳر وني پسار ڪرڻ لڳو. اڪبر ۽ ڪلثوم ٻہ ساڻس گڏ هلڻ لڳا. ۽ پوءِ هو روزمرهہ جون ڳالهيون ڪرڻ لڳا: ڪاليج جون، پڙهائيءَ جون پنهنجن ضرورتن جون ... هو ائين ڳالهيون ڪندا پسار ڪري رهيا هئا تہ، سندن نوڪر بخشو اتي آيو.

”صاحب اوهان جو فون آهي.“ چيائين.

”ڪير آهي؟“

”رئيس قربان علي.“

”قربان علي؟، ڊاڪٽر سوال واري انداز ۾ ورجايو پوءِ آهستي، ڄڻ ڪجهہ سوچيندي چيائين، ”تہ رئيس عمرو ڪري آيو آهي.___هون. ڇاٿو چئي؟“

”خبر ناهي صاحب. چيائين تہ فون ڊاڪٽر صاحب کي ڏج.

”چڱو.“ ڊاڪٽر پيوءَ کان آڱرڇڏائي ۽ کيس بخشوءَ کي اندر ڪٽي وڃڻ لاءِ چيو. ۽ وڏن ٻارن کي پنهنجن پنهنجن ڪمرن ڏانهن وڃڻ لاءِ. پوءِ فون وٽ آيو.

رئيس سان ڳالهائڻ بعد، رسيور رکڻ کان پوءِ کي گهڙيون اتي ئي، ڪنهن گهري سوچ ۾ بيٺو رهيو. ۽ پوءِ ٻاهر وڃڻ لڳو.

”ڪيڏانهن؟“ امينہ اندران ڪمري مان نڪرندي پڇيس.

”هائو! — رئيس قربان ڏانهن. هن چٽڪ چڙڪ پريندي چيو.
”چو؟ خير ته....“ امينہ حيرت منجهان ڪيس غور سان ڏسندي پڇيو.
”ها ها،“ ڊاڪٽر زوريءَ مرڪندي چيو، ”ڪا ڳالهہ ناهي. رئيس چيو آهي تہ ملي وڃ.“
”تہ هو عمري تان واپس اچي ويو آهي؟“
”ها.“
”ڪڏهن؟“
”ڪلهہ.“
”پوءِ اوهان کي اڄ ٻڌايو اٿس!“
”بس، مان ئي ٿو اچانس.“
”هينئر ڪهڙو ضرور آهي. سڀاڻي ملجوس.“
”نہ — مان منٿن ۾ ئي ٿو اچانس.“
۽ گيريج ڏانهن موٽر ڪڍڻ لاءِ وڌيو.
؟........
؟........
........ ٿي سگهي ٿو. هي ڪانئون مهينو آهي؟ چوٿون؟ هو سمجهي ويو هوندو. يا هن کيس ٻڌايو هجي. پڪ مون ڏانهن سمجهندو. شوڪرلي. ها، مون ڏانهن — هڪ حقيقت، هڪ حقيقت جو نتيجو. نتيجو نتيجو نتيجو نتيجو نتيجو نتيجو نتيجو. هي مان ڇا پيو ريهٽ ڪيان؟ نتيجو؟ بڪواس ڪانسي- ڪيوٽنس.

چاجو ڪانسي ڪيوئنس ـــ اوهه، آئي ڪين جسٽي فاهه مون کي ائين ڪرڻ ڪپندو هو. بلڪل. نه ته هوءَ تباهه ٿي وڃي ها. بيس ات از جسٽي فبل: اٿيڪلي، لاجيڪلي- ڪوبه اخلاقي قدر، قانون ڪنهن کي ائين چاٽيءَ واٽي ناس.
ـــ [ چپڪات ]

.... اف! هي ماڻهو. انڌا- مري پوي ها ته چون ها ڏوهه ڊاڪٽر جو - مان پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو، هوءَ مونکي. نه نه - منهنجي نيت. بلڪل نه - لست ائين ڪڏهن به نٿو نيور نيور - پر سوال آهي هاڻي؟
ائبارشن -

هون، ائبارشن ٿي. اهوئي سليوشن آهي. بيس. وت آئوٽ ـــ واهيات. ذليل. رئيس. هنه.

هينئر جڏهن مان وتس وڃي رهيو آهيان، هـو چا سوچيندو هوندو: ڊاڪٽر ويساهه گهاتي ڪئي آهي. اعتماد پڳر ائين. ڊاڪٽر ڪميڻو. نه، ڪچيون گاريون ڏيندو هوندو. هر سنڌي وڏيري وانگر. ذليل انسان تون آهين تون - انسان مار. جنهن پيسن جي هول ۾ هڪ معصوم جي زندگيءَ کي تباهه ڪرڻ ڪان بـ ڪين ڪيبايو. هڪ معصوم - پياري.

ـــ ڊاڪٽر صاحب، اوهان کـي چـا ٻڌايان ته مان شهزاديءَ کي ڪيڏو ٿو ڀانيان. هوءَ منهنجي زندگي آهي. فراد. قاتل ـــ سنڌ جـا زميندار: هنن کـي گوليءَ سان اڏائجي. گوليءَ سان

—'ڊاڪٽر صاحب- ڊاڪٽر صاحب'

هي مونکي ڪنهن سڏيو! هي سڀ هلندڙ مون ڏانهن ڏسي ڇو رهيا آهن؟

—'سائين خير ته آهي، ون وي جي ابتڙ ڪيئن پيا وڃو؟'

مون کي ڇا ٿي ويو آهي؟!

—'اوهه، آءِ ايم ساري- مان پنهنجن خيالن ۾ ڇڏي ويس- ويري ساري-'

—[ ٿهڪ ]

مان نروس ٿي ويو آهيان؟ نه نه- پوءِ هي؟ گلٽي ڪانشنس؟ نه نه، بلڪل نه- مون ڪوبه گناهه نه ڪيو آهي- ڪوبه گناهه نه- ڏٺن لٽڪ آف مارل ڪريج-نو، جو ڪجهه ٿيندو آءِ ول فيس اٽ-

هيئنر هو مون سان ڪيئن پيش ايندو؟ پولائٽلي.... يا؟ نيٺ ته جاگيرداري ذهنيت اٿس- ممڪن آهي- مان خود بي عزتو ڪندو مانس- مان ڪنهن کان ڊڄان ٿو، ڪٿي پلي سندس ٿي گهر هجي-

ڪورٽ- ڇا اهو ممڪن آهي؟ نه- هن کي پنهنجي بدناميءَ جو پئه ٿيندو- پر جي وڃي به ڪٿي ته پوءِ-؟؟

وڃي سگهي ٿو ءِ از اٽ پاسيبل؟ سپوز-

ڪورٽ؛ يوئر آنر- انسان جي زندگي ايڏي چيپ ناهي جو- مان ڊاڪٽر آهيان- هڪ ڊاڪٽر جو

اهو ئي فرض آهي ته هر انسان جي جان بچائي. سر، آء ايم ڊاڪٽر، ناٽ پيوري ٿين. رپ؟ نو سر، اٽ از رانگ. ميڊيوڪشن. اٽ از آلسو رانگ. هيءَ زنا جو- فارنيڪيشن

ٻٽ سر — آء وانٽ ٽ سي، اوهه! نيور نيور. ڪڏهن به نه. اخلاق خود پنهنجي جاء تي ويگ ٽرم آهي، جيڪڏهن ان کي رليٽو فارم ۾ نه ڏنو ويندو. محض ٻڪواس. ۽ ڪنهن حد تائين عجيب مذاق. ناٽ الوسي ڊيٽيڊ. سر، دي ڪنسيپٽ آف مارلٽي شڊ بي ميئرڊ ان رليشن ٽو دي وائيٽل نيڊس آف دي پرٽيڪيولر رلٽو سرڪمسٽنسز. ييس سر، اٽ از د بيسڪ پرنسپل آف اٿيڪل سائنسز: ميڊيڪل اٿڪس، موشل آر واٽ يو مي ڪلاسيفاء.

سو هنن مخصوص حالتن هيٺ، منهنجو اهو فعل قانوني ڏوهه نه آهي. نه بداخلاقي، نه ويساهه گهاتي. پر هڪ انساني زندگيءَ جي اهميت کي آڏو رکي سون اهو هڪ فرض سمجهي ڪري ئي — مان تسليم ڪيان ٿو ته منهنجي صلاح تي ئي رئيس پنهنجي فيملي ڳوٺ کان هتي شهر مستقل طور آندي. مان هن سان اڪيلائيءَ ۾ ملندو هوس. رئيس کان سون اهڙي اجازت ورتي هئي. اهو صحيح آهي رئيس جو مون ۾ مڪمل اعتماد هو. مون کيس اهو ئي مشورو ڏنو ۽ بار بار ڏنو ته: سندس ڏينهون ڏينهن وڌندڙ هيسٽرو ميئنا ڪنڊيشنس جو علاج

صرف شادي آهي. هنڪي پيار گهرجي ھوءَ نوجوان آهي ساماڻيل آهي. سندس سيڪسيوئل ارج جي تسڪين لاءِ ۽ دوائون: محض عارضي سڪون ڏيندس. رئيس هربار انڪار ڪندي ملڪيت جو سوال پيهاريو ملڪيت جو، پيس سر، وات ڪين آءَ ٻو فار هر؟ هڪ فزيشن هن معاملي ۾ ڇاڻو ڪري سگهي، سواءِ صلاح ڏيڻ جي. يا همدردي ڪرڻ جي. سمپٿي، ڪجهه به ناهي، نتنڪ سواءِ خالي لفظن جي. هيءَ رسمي لفاظي هنيوڪ رسي ناهي؟ ڇا اهڙي همدردي هن جو علاج ٿي سگهيو ٿي؟ ذو نوـــنو، پوئر آنر. مونکي يقين هو: سندس وڌندڙ ڪامپليڪيٽيڊ هسٽيريڪل ميرياز هڪڏينهن سندس لاءِ ڪنهن فزيڪل ڊفيڪٽ جو ڪارڻ بڻجندا. بلائينڊنيس، ڊيفينس پئرالسس آر سندس زندگي تباهه ٿي وڃي ها. ۽ هڪ معصوم ۽ بي گناهه.

ها سائين، مون خيال ڪيو هو، رئيس ڪي ڪراچيءَ ۾ ڪنهن سي ڪيٽي ٽرسٽ [Psychiatrist] سان صلاح ڪرڻ لاءِ چوان. پر مون نه چيو. مونکي فضول لڳو. اوهان خودئي سوچيو، اراتڪ ازي اي نيچرل ان سٽنڪٽ. مئريج ٿي ـــ

۽ مــان اها به جـــاچ ڪئي، پنهنجي منهن: هڪ خواهش هيٺ ته ڪاش، هوءَ هتي شهر ۾ ڪنهن سان لو ڪندي هجي. جيئن عام ڪنواريـــون ڇوڪريون ڪنديون آهن. ۽ اها ڪهڙي نـــه سٺي ڳالهه هجي ها،

جيڪڏهن هوءَ ڪنهن ماڻهوءَ سان پيار ڪري ها، پر هوءَ ڪيڏي معصوم، هيسيل ۽ سخت پابنديءَ هيٺ! ممڪن آهي، يقين جي حد تائين ته هن تصوراتي دنيا ۾ پنهنجو ڪو محبوب بنايو هجي. ۽ ــ سر، آءٌ فائونڊهر هئبيوچڻ.

ــ [ چيڪاٽ ]

اوهه! ڇا، واڻڙو. او مسٽر، سائيڪ.

جڏهن ته فيصلو ڪورٽ ۾ ٿيندو، پوءِ مان وٽس ڇو وڃان؟ بيس، گاڏي موٽايان. هرويرو مس بهيو ڪري .... نه، ممڪن آهي هو پولائٽناي پيش اچي. ۽ هن حادثي کي حقيقت پسنديءَ سان ريلائز ڪري. مون سان ان سلسلي ۾ صلاح ڪري، اهو وڌيڪ بهتر طريقو آهي. ۽ ــ، اهو به ته ٿي سگهي ٿو، هي منهنجا لفظ اجايا انديشا هجن. اجايا. هن جو شڪ مون تي اصل نه ويندو هجي. هون ــ مون کي ننڊ ڪان وٺي ڇاڻي. منهنجي شرافت ۽ ايمانداريءَ تي سندس پختو اعتماد آهي. ها، منهنجي باري ۾ ائين سوچي به نٿو سگهي. بنهه نه. مون جڏهن هن کي چيو، رئيس هن ڪيس ۾ ضروري آهي ته مان سائس اڪيلائيءَ ۾ ملندو رهان.

ــ ڊاڪٽرصاحب انهيءَ ۾ پڇڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. شهزادي اوهان جو پنهنجو ٻچو آهي. بس رکو....

هون، باسٽرڊ. هيپوڪريٽ ــ

ــ ’ڊاڪٽر صاحب، اوهان کي خبر آهي ته مان ڇهن مهينن لاءِ پاڪ ملڪن ڏانهن زيارت لاءِ وڃي رهيو

۾ ٿي ويو. بهرحال اکيي پوءِ ڏٺو هو. مون ذهن کي
تہ اڳي ئي تيار ڪري ڇڏيو هو. رڳو موقعي جو
اندازو رکيو هو. موقعو جو، خود ئي- پر احمقانہ انداز
۾. ها احمقانہ انداز ۾. پر ڇا ٿي ٿي سگهيو-

— ڊاڪٽر صاحب، اڄ وري....

— ها جيجي سمجهان ٿو. اوهان ڪو خيال نہ ڪندا.

— بس ابا، رب نگهبان اٿس.

— شهزادي ڇو خير تہ-

— ڇپ.

— جيجي مان هن‌سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿو چاهيان.
چيربل اکين جا ڇپر مٿي، نهار. اٽريڪشن؟ ڇپن
جو ڇرڻ.

— شهزادي.

اکيون، اکين ۾.

— شهزادي!

اوچتو پاڪر. ڇنبڙڻ.

— شهزادي.

پاڪر جي ڇڪ زور سان.

پيس، Nympholeptic—

چمي.

چميون.

؟— چميءَ ۾ انيشيٽو منهنجو هو. هنا منهنجو،
بي خوديءَ وچان. پهرين چمي مون محض همدردانہ پيار،

هيٺ ڏنــي هئي. هيءَ هڪ ٻار کي ڏني آهي. انهي جي ٻئيان ڪوبه اهڙو ارادو جهڙڪي جنهن جي معنيٰ ونجي، نه هوءِ ٻنهي نه. پر پوءِ هن جي خود سپردگي ۽ پربور ـــ اوهه، ليو اٿ.

ڇا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اجا ريٽائر نه ڪيو هجي. اجا ڪلهه ته آيو آهي. پر اڇو شهر مون سان مليو ڇو نه؟ هـــن ڪــــي ماڻ ڪپندو هو. جيڪڏهن اجا چاڻ نه پئي هوندس، ته ڪهڙن وقت پنجي سکهيس ٿي. بلڪل پنهنجي زال ڪــان منهنجو پڇيو هوندائين. ضرور. ايندو رهندو هو يا نه. گهپل ڏينهن ڪان مان نه ويو آهيان. مون کي وچڻ ڪپندو هو. نيٺ هوءَ منهنجي مريض آهي. پهن پيشنٽس وٽ به ته رادو ڏيندو رهندو آهيان. پوءِ ڇونه ويم؟ انهيءَ ڪـــان پر شايد چار دفعا، ها چار دفعا ويو آهيان. ڇـــا اهو شهزاديءَ منهه ڪري گهرايو؟ مصروفيت؟ هنن گهرايو به ته ناهي. ان جي معنيٰ انهيءَ عرصي ۾ شهزادي ناراض رهي آهي؟

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي مين گيٽ مان اندر لنگهي ته ڏٺائين: رئيس ڪيءَ بنگلي جي ٻاهرين ٻاهي واري ڏاهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل هندس پر ۾ ويٺل منجيءَ تي ڪمدار. ۽ ... ساڄهو

ڪرسيءَ تي ويٺل ڪو ملازم تي. سندس نوڪر ٿورو پرڀرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌيو. اندر جي عجيب هر ڪر وچار. رئيس مين گيٽ وٽ سندس ڪار ڏسي اٿي اٿيو هو. ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو. اڳتي وڌي وڌي اڪير ۽ قرب سان ڀاڪر پائي مليس.

'ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿو؟' هن کلندي گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيو.

'دعا آهي.' زوريءَ آذل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ موڙجهه، بيقراري ڪجهه ڇڏڻ لاءِ.

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتو-

هن سموري گفتگوءَ ۾ ڊاڪٽر اهڙو ڪوبه اندازو، اشاري طور به نه لڳائي سگهيو ته ڪو رئيس کي اهڙي ڄاڻ آهي. هو اڻ باري ۾ پنهنجي ذهن سان سوچيندو رهيو. پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيو. ڪجهه وقت ائين رسمي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ، رئيس ڊاڪٽر کي اندر گهر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور، رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي ويندو آهي، جڏهن شهزادي، سندس زال يا ورِي سندس طبعيت خراب هوندي آهي.

ڊاڪٽر جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. مار--؟ قتل؟--؟؟ اوچتو خيال آيس. ڊاڪٽر، رئيس ڏانهن سوال ڀريل نظرن سان ڏسڻ لڳو. ۽ رئيس جڏهن سندس اڻ-پڇيل

سوال کي سمجھندي، اڳيان ٿيندي چيو: 'اڇو سائين اڇو. اوهان تہ پنهنجا ٿي آهيو. اوهان کان ڪهڙو پردو؟'
ڊاڪٽر سندس پٺيان هلڻ لڳو.

اندر گهر ۾: رئيس جي زال ۽ شهزادي کٽ تي ويٺيون هيون. هيٺ واڏڻ جي منجهيءَ تي نوڪرياڻي ويٺل. جڏهن ڊاڪٽر اندر گهڙيو تہ، رئيس جي زال رئو ٺاهيندي ٿورو چري پري ويئي. نوڪرياڻي اٿي بيٺي شهزادي اٿي؛ ٽڪڙي ٽڪڙي اندر ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي.

'ڪيڏانهن ڪيڏانهن؟' رئيس، شهزاديءَ کي روڪيندي چيو.

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ٽڪڙي ٽڪڙي اندر هلي وئي.

'هيڏي، شهزادي! پٽ ٻاهر اچ— هائي ڊاڪٽر صاحب کان ڪهڙو ٿي پردو ڪرين.؟' هوءَ نہ آئي.
پٺس وري سڏ ڪيس. ڪجهہ حجت ۽ رعباتي نموني ۾.

هوءَ ٻاهر آئي. آهستي آهستي. ڪنڌ هيٺ نظرون جهڪيل.

منجهيل ڊاڪٽر: 'ڇا ڪيان؟' هن سوچيو.
'ڪيئن ٿي طبعيت شهزادي؟' هن رسمي طور پڇيو.
شهزادي! هن کي اهو نالو وڻندي ڪجهہ عجيب عجيب لڳو. هن کان اڳ جڏهن بہ هو شهزاديءَ کي

بخاطر ٿيندو هو، ته سندس نالو وٺي بدران 'ٻچا'
ڏيءُ ويا پٽ چوندو هوس. ان دوران لاشعوري طور
سندس ڏيان شهزاديءَ جي پيٽ ڏانهن، ڪجهه هن چور
نظرن سان هن جي پيٽ ڏانهن ذري ذري ڏسڻ لڳو.
ان فعل کي شعوري طور اڻ وڻندڙ سمجهندي به، سندس
نظرون هن جي پيٽ تي کڄجي ٿي ويون. پيٽ: اڳتي
وڌيل، نه وڌيل. نظرن جو دوکو؟ نه. هلڪو وڌيل؟
محسوس نه ٿيندڙ؟ ذهن جو سراب؟ دوکو! اندازي لڳائڻ
جو، نظرن جو، احساس جو، منجهيل ذهن جو. ڪو به
فيصلو ڪري نه سگهيو. البت ڪٿي.

'ريهي' ڪنڌهيٺ ڪري ٿورو پرڀرو بيٺل شهزاديءَ
کي چپاڻن. اوپرو آواز خود محسوس ڪيائين. هو
ڪٿي ڪٿي ويهي رهي. مات، اکيون هيٺ جهڪيل بدستور.

رئيس کيس پنهنجي سفر، پيلي ولايت جي مقدس
جاين ۽ اتي جي حالتن وغيره جي باري ۾ احوال ٻڌائڻ
لڳو. رات جا ٻارهن ٿيا، تڏهن هن موڪلايو. ويندي
وقت رئيس پيلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور
ني کيس ڏيندي چيو: 'بس ڊاڪٽر صاحب رکو هن لاءِ
ارمان کي تڪليف ڏني هيم.'

ان جو مطلب ڇا ٿو ٿي سگهي؟ هن اچا اهو
محسوس نه ڪيو آهي؟ ائين ٿي آهي. شهزاديءَ به ته

هيٺ ڏنـــي هئي. ٻيئن هڪ ٻار کي ڏٺي آهي. انهي
جي پٺيان ڪوبہ اهـڙو ارادو جنهنڪي جنهن جي معني
ونجي، نہ هو. ٻنهي نہ. پر پوء هن جـي خود ـ سپردگي
۽ پربورـــ اوهہ، ليو ات.

ڇا هي منهنجا ذهني مفروضا آهن؟ هن اجا ريئلار
نہ ڪيو هجي. اجا ڪلهہ تہ آيو آهي. پر اچـڻ شر
مون سان مليو ڇونہ؟ هـــن کـــي ماڻ ڪپندو هو. پر
جيڪڏهن اجا ڇاڻ نہ پئي هوندس، تہ ڪهن وقت
پٺجي سگهيس ٿي. بلڪل پنهنجي زال کـان منهنجي
پڇيو هونداڻين. ضرور. ايندو رهندو هو يا نہ. ڳپل ڏينهن
کان مان نہ ويو آهيان. مون کي وچڻ ڪپندو هو. نيما
هوءَ منهنجي مريض آهي. پين پيشنٽس وٽ بہ تہ راڏوندا
ڏيندو رهندو آهيان. پوء ڇونہ ويم؟ انهيءَ کـــان پو
شايد چار دفعا؟ ها چار دفعا ويو آهيان. ڇـا اهو
شهزاديءَ منهن ڪري گهرايو؟ مصروفيت؟ هنن گهرايو
ٻہ تہ ناهي. ان جي معني انهيءَ عرصي ۾ شهزادي ناراض
رهي آهي؟

جڏهن ڊاڪٽر جي گاڏي رئيس جي بنگلي جي
مين گيٽ مان اندر لنگهي تہ ڏٺائين: رئيس کيءَ بنگلي
جي ٻاهرين پاسي واري ڏلهي تي آرام ڪرسيءَ تي ويٺل
هئندس پير ۾ ويٺل منجيءَ تي ڪمدار. ۽ ... سامهون

ڪرسيءَ تي ويٺل ڪو ملازم تي. سندس نو ڪر ٿورو پر - پرو بيٺل. ڊاڪٽر ڪار جو دروازو بند ڪري ٿلهي ڏانهن وڌيو. اندر جي عجيب هرڪر وچار. رئيس مين گيٽ وٽ سندس ڪار ڏسي اُٿي اٿيو هو. ۽ ڏانهس وڌڻ لڳو. اڳتي وڌي وڌي اڪير ۽ قرب سان پاڪر پاڻي مليس.

'ڊاڪٽر صاحب ڪهڙا حال اٿو؟' هن ڪلندي گرمجوشيءَ سان هٿ ملائيندي چيو.

'دعا آهي.' زوريءَ آندل مرڪ چپن تي. ذهن ۾ سوچون، بيقراري ڪجهه ڇڏڻ لاءِ.

۽ پوءِ اهڙي رسمي گفتو-

هن سموري گفتگوءَ ۾ ڊاڪٽر اهڙو ڪو به اندازو اشاري طور به نه لڳائي سگهيو ته ڪو رئيس کي اهڙي چاڻ آهي. هو ان باري ۾ پنهنجي ذهن سان سوچيندو رهيو. پر ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهيو. ڪجهه وقت اهين رسمي ڳالهه ٻولهه ڪانپوءِ، رئيس ڊاڪٽر کي اندر گهر هلڻ لاءِ چيو. هونئن عام طور رئيس ڊاڪٽر کي اندر تڏهن وٺي ويندو آهي، جڏهن شهزادي، سندس زال يا وري سندس طبعيت خراب هوندي آهي.

ڊاڪٽر جي دل تيز تيز ڌڙڪڻ لڳي. مار—؟ قتل؟—؟؟ اوچتو خيال آيس. ڊاڪٽر، رئيس ڏانهن سوال ڀريل نظرن سان ڏسڻ لڳو. ۽ رئيس جڻ سندس اڻ-پڇيل

سوال کي سمجهندي، اگهان ٽيندي چيو: 'اچو سائين اچو. اوهان تہ پنهنجا ئي آهيو. اوهان کان ڪهڙو پردو؟'
ڊاڪٽر منڊس پٺيان هلڻ لڳو.

اندر گهر ۾: رئيس جي زال ۽ شهزادي ڪٽ تي ويٺيون هيون. هيٺ واڏڻ جي منجيءَ تي نوڪرياڻي ويٺل. جڏهن ڊاڪٽر اندر گهڙيو تہ، رئيس جي زال رئو ناهيندي ٿورو چري پري ويٺي. نوڪرياڻي اٿي بيٺي شهزادي اٿي؛ تکڙي تکڙي اندر ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳي.

'ڪيڏانهن ڪيڏانهن؟' رئيس، شهزاديءَ کي رڙ ڪندي چيو.

هن ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري تکڙي تکڙي اندر هلي وئي.

'هيڏي، شهزادي! پٽ ٻاهر اچ.— هاڻي ڊاڪٽر صاحب کان ڪهڙو ٿي پردو ڪرين.؟' هوءَ نہ آئي.
پٺس وري سڏ ڪيس. ڪجهہ حجت ۽ رعباڻي لهجي ۾.

هوءَ ٻاهر آئي. آهستي آهستي. ڪنڌ هوٺيون نظرون جهڪيل.

منجهيل ڊاڪٽر: 'چا ڪيان؟' هن سوچيو.
'ڪيئن ٿي طبعيت شهزادي؟' هن رسمي طور پڇيو.
شهزادي! هن کي اهو نالو وڻندي ڪجهہ عجيب عجيب لڳو. هن کان اڳ جڏهن بہ هو شهزاديءَ کي

خاطب ٿيندو هو، ته سندس نالو وٺي بدران 'ٻچا'
ڏيءَ' به پٽ چوندو هوس. ان دوران لاشعوري طور
سندس ڌيان شهزاديءَ جي پيٽ ڏانهن ڪڇيو. هن چور
نظرن سان هن جي پيٽ ڏانهن ذري ذري ڏسڻ لڳو.
ان فعل کي شعوري طور اڻ وڻندڙ سمجهندي به، سندس
نظرون هن جي پيٽ تي کپجي تي ويون. پيٽ: اڳتي
وڌ ل. نه. وڌيل. نظرن جو دوکو؟ نه. هلڪو وڌيل؟
محسوس نه ٿيندڙ؟ ذهن جو سراب؟ دوکو! اندازي لڳائڻ
جو، نظرن جو، احساس جو، منجهيل ذهن جو. ڪو به
فيصلو ڪري نه سگهيو. البت اِڪيتي.

'ويهه' ڪنڌهيٺ ڪري ٿورو پر-پرو بيٺل شهزاديءَ
کي چيائين. اوبرو آواز خود محسوس ڪيائين. هوءَ
ٻني کٽ تي ويهي رهي. ماٺ. اکيون هيٺ جهڪيل بدستور.

رئيس کيس پنهنجي سفر، يلي ولايت جي مقدس
جاين ۽ اتي جي حالتن وغيره جي باري ۾ احوال ٻڌائڻ
لڳو. رات جا يارهين ٿيا، تڏهن هن موڪلايو. ويندي
وقت رئيس يلي ولايت کان آندل سامان سوکڙيءَ طور
تي کيس ڏيندي چيو: 'بس ڊاڪٽر صاحب رکو هن لاءِ
ارمان کي تڪليف ڏني هجي.'

ان جو مطلب ڇاتو ٿي سگهي؟ هن اڃا اهو
محسوس نه ڪيو آهي؟ اٿين ٿي آهي. شهزاديءَ به نه

ڀڄايو ائس. ڪيئن ڀڄائيندس. پر ـــ مونکي ڪيس ڀڄائڻ گهرجي. هيءَ حالت ۾ غلط فهمون پيدا ٿي سگهن ٿيون. ها، اهو نه ڀڄائڻ ڏوهه آهي. گناهه. ويساهه گهاتي. ۽ .... پيس، مون کي سڀڪجهه ڀڄائڻ گهرجي. رئيس کي سچي حقيقت ۽ اهي اڻ-ٽر حالتون ٻڌائي، اڊيارشن لاءِ راضي ڪيانس. پر ــ؟ هيءَ مڪمل سالیوشن ته ناهي. هن کي زندگي؟ هيءَ ته هڪ ڪارڻ مان، پيدا ٿيل نتيجي جو هڪ حل آهي، امپرفيڪٽ. ممڪن آهي پيس، اٿ از آلسو پاسيبل. هون ـ سندس شادي ڪرائڻ لاءِ مجبور ٿئي. غيرت وچان ماري وجهيس!؟ اوهه! ائين به ٿي سگهي ٿو. اف ــ! مان.

مون کي گهٻرائڻ نه گهرجي. جڏهن هيءَ سڀڪجهه ڪرڻ لاءِ مان پاڻ کي ذهني طور تيار ڪري رهيو هوس ته سوچيو هوم: ته مان انهن اخلاقي قدرن کي مڃڻ لاءِ پابند ناهيان، جيڪي عام مروج آهن. مان آزاد آهيان. منهنجي هن فعل مان تعلق رکندڙ فرد کي مادي ٻوڙي غير مادي نقصان نه پهچندو. انهيءَ جي ضرورت آهي. ضرورت؛ علاج جي حد تائين. ۽ هن جي پيءُ کي چئڻ ۾ نپائڻ جي دعوي رکندي، اهو حق ڏئي نٿو سگهي ته هو، پنهنجي مفاد خاطر کيس زنده درگور دفن ڪري. ڪنهن به پيءُ کي اهڙو حق ڏئي نه ٿو سگهجي. مون کي نروس ٿيڻ نه گهرجي. هيڙي حالت

پيدا ٿيڻي هئي. لاجيڪلي، هيءَ ته لڳي پيو سچ جي جنگ آهي. ها، انساني تهذيب جي اعليٰ قدرن لاءِ. سچ؟ اسانجن پنهنجن تمنائن جو عڪس آهي. دلي تمنائن جو. مجرد ۾ روپ ۾. پوءِ اسين پنهنجن انهن دلي تمنائن کي لاجيڪلي شڪل ۾ پيش ڪري، سچ جو نالو ڏيندا آهيون.— اهو ڪنهن؟.... اوهه، نتشي. ته ان جي معنيٰ—؟ ايبسوليوٽلي نات. ڇا مان پاڻ کي به ننگي سڱهان ٿو؟ ۽ پاڻ سان به ڊس آنيسٽ ٿي سگهان ٿو؟ نيور ليور.

... سڀ ڪان پهرين مان رئيس کي هن حقيقت کان آگاهه ڪيان، ۽ اهو هن جي ميجالي ۾ وهاريان ته اهو اڻ-ٽر هو. ۽ انهيءَ ۾ منهنجي اهڙي ڪابه نيت ڪانه هئي، جنهنکي جنسي لسٽ يا اهڙي قسم جي بدنيتي چئجي. انهيءَ ۾ سندس ڏوهه هو. پر نه، ممڪن آهي ائين چوڻ سان وڌيڪ اينٽيگنائز ٿئي. رڳو ڪيس شهزاديءَ جي شادي ڪرائڻ لاءِ آماده ڪيان. جيترو ممڪن ٿي سگهي جلد. ليڪن ائبارشن کان پوءِ. اينڊرڙ پهرين ئي ملاقات ۾ سائس ڳالهائيندس. سواءِ ڪنهن گهٻراهٽ جي. مون ته ڪو گناهه ڪيو ئي ناهي، جو خواهه مخواهه ذهني عذاب مان پيو گهيان.

ڊاڪٽر اهو سوچي، قطعي انداز ۾ فيصلو ڪيو. ان هوندي به، هڪ مبهم اڻ تسلي بخش احساس ڪٿي گهر آيو.

۽ پوءِ، ڊاڪٽر جي رئيس سان ملاقات ٿيندي رهي:
رسمي ڳالهيون. ملڻ وقت هر ڀيري هن اهڙو ذڪر
ڇورڻ لاءِ سوچيو. پر هر دفعي سوچڻ ۽ سوچي ذهني
ڪرب ۽ اعصابي پيڙا ڀوڳڻ کان سواءِ ڪجهه ڪري
نه سگهيو. هر ڀيري جڏهن اٽل ارادو ڪندي به، ڇٽي
نه سگهندو هو ته پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڏاڍا جڪ ايندا
هيس. ۽ پنهنجو تجربو ڪندي سوچيندو هو: اخلاقي
جرئت جي ڪمي؟ نه-رئيس جي شخصيت؟ نه. رئيس
جو نارمل رويو؟ نه-باقي ڇا؟ ڪجهه به نه. هن دفعي
سان ڪيس ضرور چوندس. ائين ڇٽي اعصابي ڇڪتاڻ
پيدا ڪندڙ سوچ ڌارا کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ٿيندو هو.
۽ پوءِ وري-ملڻ کان اڳ: شروعات ڪرڻ لاءِ انداز
اختيار ڪرڻ، لفظن جي چونڊ ۽ رئيس طرفان اٿندڙ
نقطن جو خيالي جواب سوچيندو هو.

پر هو وري به ذڪر ڪري نه سگهيو. ۽ نه رئيس
ئي ڪا اهڙي ڳالهه ڪئي.

ائين مهينو گذري ويو.

هڪ ڏينهن جڏهن: ڊاڪٽر ڪلينڪ ۾ ڪنهن مريض
کي ڇڪاسي رهيو هو ته رئيس جو فون آيس. جنهن
۾ هن کيس رات جي ماني ساڻس گڏ کائڻ لاءِ دعوت
ڏني. ڊاڪٽر: ظاهر آهي انڪار ڪري نه سگهيو. ۽
گهر ڇٽي چڏيائين ته هو رات جي ماني رئيس وٽ کائيندو.

رات جو ماني ۾ تي؛ جڏهن ماني کائي رهيا هئا؛ تڏهن به رئيس جو رويو ساڳيو نارمل هو. مهذب ۽ گهرائيپ وارو. هر بناوت کان خالي ڏيکائي ڏيندڙ. البت ڪنهن ڪنهن وقت پاڻ چڙڪ ڪنهن گهري سوچ جي جي تهه ۾ پهچي تي ويو. ته وري ڪنهن ڪنهن مهل سندس ڪل اجائي؛ سواءِ ڪنهن ڪارڻ جي ٿي لڳي. جڏهن ته ڊاڪٽر منجهيل. ڪنهن مهل ته موڳو ٿي موڳو. ان هوندي به هن ڪوشش ڪري رئيس کي اهو محسوس ٿيڻ نٿي ڏنو ته ڪو هو غير ـ حاضر دماغ آهي، يا سندن ڌيان ڪنهن ٻئي پاسي آهي.

ماني ۽ کان پوءِ جڏهن نوڪر سندن آڏو چانهه رکي ته رئيس کيس چيو: 'بس، چانهه جا ٿانو پوءِ کڻجانءِ. تون وڃ. ۽ هي در ٻيڪڙيو وڃ.' هو هليو ويو.

”ڊاڪٽر صاحب، اوهان سان هڪ اهم مسئلي تي ڳالهائڻو هو،“ رئيس اوچتو ڊاڪٽر ڏانهن نهاريندي چيو، ”انهيءَ ڪري اوهان کي.......

”ها ها، چونــــ“ ڊاڪٽر پنهنجو پاڻ کي ڪرسيءَ تي ٻيهر چڱيءَ طرح ٺاهيندي چيو. ڪوڪلي مرڪ. اندر ۾ هرڪرڻ بيقراريءَ سان.

”اوهان ته پنهنجا ٿي آهيو. اصل گهر جـــا ڀاتي. اوهان کان ڪي ڳجهوـــــ“ هو خاموش تي ويو. لڳي پيو مناسب لفظن ۾ مقصد بيان ڪـرڻ لاءِ ڪوشش

ڪري رهيو آهي. ڊاڪٽر قمر سندس منهن ۾ نهاري سندس لفظن جو ٻيهر ٿڃيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو.

"مون سوچيو هو." چوڻ لڳو، "شهزاديءَ جي شاديءَ جي باري ۾ اوهان سان صلاح ڪريان."

"هون ـــ" ڊاڪٽر اچا اڳتي ٻڌڻ لاءِ پوري ڌيان سان ڏانهس تڪي لڳو. "اوهانجو ڇا خيال آهي؟" ڪجهه ساهيءَ ڪاڇڻ رئيس پڇيو.

"ها، سائين مون نه اڳي به ڪيترا ڀيرا اهڙي صلاح ڏني هئي ۽ ......" ڊاڪٽر چپ ٿي ويو.

"ها ـ پر ڊاڪٽر صاحب." رئيس ڊاڪٽر کي انهين اڌ جملي ۾ خاموشي اختيار ڪرڻ تي، وڌيڪ اڪلائڻ لاءِ چيو.

"ان اوهان سان متفق آهيان." ڊاڪٽر وراڻيو رئيس چپ ٿي ويو. ڊاڪٽر چپ هو. اها خاموشي ڪجهه عجيب ٿي لڳي. خالي خالي. خاموشيءَ جو اهو خال تقاضا ڪري رهيو هو ته، ڳالهائي اڳتي وڌيو وڃي. رئيس ڊاڪٽر ڏانهن ڏٺو، ڪجهه اهڙين نظرن سان؛ جن ۾ ڪجهه اڪلڻ لاءِ توقع هئي. ۽ پوءِ ڊاڪٽر جي اندرين بيقراري، رئيس کان ٻڌڻ لاءِ اتساهه رکندڙ. انهيءَ خاموشيءَ دوران ڊاڪٽر قمر کي اوچتو خيال آيو: رئيس کي سموري حقيقت کان آگاهه ڪرڻ جو. ۽ سڀ ڪجهه اڪلڻ لاءِ چڱو ڪا اندرئين قوت ڪيس همٿائي

رهجي. ۽ شعور ابتدا ڪرڻ لاءِ مناسب لفظ ڳولهيندو هجي.

"ڊاڪٽر صاحب." رئيس خاموشيءَ کي ٽوڙيو.

"جي ـــ " ڊاڪٽر اوچتو سجاڳ ٿيندي چيو.

"ڳالهه، دراصل هيءَ آهي ته،" رئيس چيو، "شهزاديءَ کي پيٽ ۾ پيو آهي."

"پيٽ!" ڊاڪٽر اکيون ڦاڙي ڏانهنس ڏٺو. رئيس ان مهل چڱيءَ طرح سندس منهن جو رنگ بدلجندو ڏٺو.

"ها پيٽ. شهزاديءَ کي پيٽ ۾ پيو آهي ڊاڪٽر صاحب،" رئيس آهستي آهستي چوڻ لڳو،" انهيءَ جي باري ۾ اوهان سان ڳالهائڻو هو." هو گهڙي ڪن لاءِ خاموش ٿي ويو.

ڊاڪٽر صاحب دل ڌڙڪندي محسوس ڪئي. ۽ بيچينيءَ وچان ڪرسيءَ تي پاسو بدلايو. ۽ پوءِ مٿي ڇت ۾ نهاري، اکيون ٽمڪايون. ۽ اوچتو چيو:

"رئيس،" آواز بدليل هو، "مونکي اڳئي خبر هئي ـــ ها، مونکي ان نتيجي جي خبر هئي قربان علي صاحب ۽ چند ڪنن لاءِ چپ ٿي ويو. رئيس ڏانهس نهارڻ لڳو.

"دراصل، ـــ آ ـــ ،" هو هٻڪيو. "آ ـــ دراصل مونکي اڳ خبر هئي ـــ . رئيس، شهزاديءَ کي اهو پيٽ مون مان آهي." هن آخري جملو جلد ۽ ٽڪڙو ۽ جلد چئي ورتو.

رئيس ڏانهس تڪيندو رهيو: عجب ۽ حيرت گهٽ افسردگي وڌيڪ. لڳي پيو ھڪي انهن لفظن جي توقع ھئي. انڪري سندس اکين ۾ حيرت کان وڌيڪ ڪا سمجھ معني ھئي. ھن ھڪ ٿڌو ساھ پريو. ساھ، جو اڻ-چٽو ھو. ڪنهن مفهوم کان خالي. اندازو نه پيو لڳائي سگهجي ته اهو ساھ اطمينان جو ھو يا صدمي جو.

”ها، رئيس، اهو بار مون سان آهي. شهزادي بي ڏوهي آهي. ۽،“ هن ڪن رڪي چيو، ”مان به پنهنجي جاءِ تي. مون انئين چاٽي واٽي ڪيو،“ هيٺر سندس ڳالهائڻ ۾ رواني اچڻ لڳي. ”مان سمجهان پيو ته مونکي ائين ڪرڻ کپي. ھڪ ھمدرد انسان جي حيثيت ۾.“ ڪن جي ماٺ کانپوءِ وري چوڻ شروع ڪيائين. اها شهزاديءَ جي ضرورت ھئي ۽ — آهي. سوال آهي ملڪيت جو. جو اوهانجو مقابلو آهي. هوءَ ڇو انهيءَ لاءِ پوڳي؟ ڇا اوهان شاديءَ کان سواءِ رهي سگهيؤ؟ رئيس، معاف ڪجو اوهان جي ذات بابت، جي ڪڏهن گستاخي نه سمجهو ته — منهنجو مطلب آهي — اوهان، خير سمجهي ويا هوندا —

”پوءِ ڇا هوءَ ضرورت محسوس نه ڪندي هوندي؟ ڇا اوهان ھڪ فطري ٻڪ کي ٽاري سگهو ٿا؟ معاف ڪجو — اوهان ته مهيني ۾ الاهه — خير،“

”بس ڊاڪٽر صاحب گنهگار ...... رئيس وچ ۾ ڳوڻ چاهيو.

ڪنهن عورت سان هڪ ڪمري ۾ بند هجو. ۽ اهڙو شڪ شهزاديءَ کي به هجي ته اوهان ڇا سمجهو؟ هوءَ ڪنواري، ساايل ڇا سوچيندي هوندي؟ اڃا به صحيح ڇڱجي ته ڇا تصور ڪندي هوندي؟ ۽ اهڙي قسم جا تصور ظاهر آهي ته سندس – بهرحال اوهان يقين ڄاڻو جيڪڏهن سندس فطري ضرورت، فطري انداز ۾ پوري نه ٿئي ها، يا ٿئي — ته سندس رپريسڊ ڪامپليڪسز انتهائي پيچيده شڪل اختيار ڪن ها. ۽ ڪنڊا ڪيس پوندڙ دورا شدت اختيار ڪري، سندس شخصيت جا پاڳا ڪري ڇڏيندا. ۽ سندس لاءِ جسماني عيب، فالج، انڊائيپ، ٻوڙاڻ يا مستقل چريائپ يا ٻئي ڪنهن جسماني عيب جو ڪارڻ بڻجندا، مان اوهان کي وري به يقين ٿو ڏياريان ته منهنجي آڏو نڪتو سندس صحت ۽ زندگيءَ جو هو، نڪي جنسي خواهش جي تڪميل جو."

هو چپ ٿي ويو.

"رئيس" هن وري چوڻ شروع ڪيو، "بهرحال، مان اوهانجي: انهيءَ راءِ سان متفق آهيان ته، اوهان سندس شادي ڪرايو. پر منهنجي خيال ۾، انهيءَ ڪان اڳيم ضروري آهي ته ٻار ڪيرايو وڃي. مان اها جوابداري کڻڻ ٿو. جيتوڻيڪ اها ڪا ڳالهه ناهي. مونکي اهو احساس آهي ته، اوهانکي روحاني اذيت پهتي هوندي، انهيءَ لاءِ مونکي ار .... "

”پر ڊاڪٽر صاحب،“ رئيس ڊاڪٽر جي ڳالهه ڌيان ڪونه ڏيان نه ڏيندي، بيوسيءَ مان چيو، ”هوءَ ٻار ڪيرائڻ لاءِ تيار ناهي. مان پاڻ ان خيال جو هوس ته سندس ٻار ڪيرايو وڃي. پر هوءَ سخت هوڏ ڪري بيٺي آهي. هن جي ڳالهه ٺن مان مونکي ڀقين آهي ته، هن جو ٻار ڪيرايو ويو ته هوءَ صدمي هيٺ پنهنجو دماغي توازن وڃائي ويهندي. ها ڊاڪٽر صاحب،“ هن ساهه پريندي چيو، ”ان ڪانسواءِ هيني نوڪريائين ڪي خبر پئجي چڪي آهي، ظاهر آهي ته ڳالهه لڪي — ڊاڪٽر صاحب، انهن هيني ڳالهين ڪي ذهن ۾ رکي اوهان پنهنجي راءِ ڪان......هو چپ ٿي ويو.

”رئيس،“ ڊاڪٽر هنکي ائين خاموش ٿيندو ڏسي چيو، ”هن سلسلي ۾ مان اوهان جي هر مدد ڪندس. اوهان بيڌڙڪ چئي ڏيو، جو ڪجهه اوهان هن باري ۾ سوچيو ٿا.“

”ڊاڪٽر صاحب، مونکي چوندي به شرم ٿو ٿئي. پر — ڇا ڪجي ڪجهه حالتون ئي اهڙيون آهن. ڇوڪريءَ جو پيءُ هوندي ائين چوندي مونکي ته — پر.... اوهه! مون کي ڪيڏو صدمو پهتو آهي.“ هو چپ ٿي ويو.

”نه نه — اوهان بي حجاب چئي ڏيو.“ ڊاڪٽر سوالي نظرن سان ڏانهس ڏسڻ لڳو.

"منهنجي خيال ۾ اوهان شهزاديءَ سان شادي ڪيو." هن اوچتو چئي ڏنو.

"مان!؟—" ڊاڪٽر حيرت مان ذري گهٽ رڙ ڪئي، "يعني مان؟" "پوءِ پاڻ سڏيائيندي چيائين، "رئيس، مان ته اڳئي ٻارن ٻچن وارو آهيان ٽن ٻارن جو پيءُ. مان پنهنجي زال سان محبت ڪيان ٿو. اهو ڪيئن ٿو ممڪن ٿي سگهي!— اوهان ڪٿي ٻئي هنڌ نهجو مطلب آهي ته....".

"ڊاڪٽر صاحب ٻئي هنڌ ڪرڻ سان اوهان خود سمجهي سگهو ٿا ته...."

"نه نه هن ۾ ته...."

"پر اوهان انڪار ڇو ٿا ڪيو، جڏهن ته شريعت موجب هڪ کان وڌيڪ شاديون ڪري سگهو ٿا—".

"پر— پر مان پنهنجي زال سان پيار ڪريان ٿو. رئيس، منهنجي آڏو پوليگمي يعني ته— هڪ کان وڌيڪ سان شادي ڪرڻ عورت سان نسورو ظلم آهي. عورت جي توهين. انسانيت جي مذاق." ڊاڪٽر بيچينيءَ وچان پاسو بدلائيندي چيو. "ان کان سواءِ رئيس، مان اهڙن شرعي اصولن يا احڪامن کي لنديندو آهيان جنهن سان انسان کي غلام رکڻ يا هن جي ڪنهن طرح سان توهين ڪرڻ جي اجازت هجي. ان ڪري...."

”ليڪن شهزاديءَ جي پيٽ ۾ ٻچو آهي. اوهان جي تخم مان پيدا ٿيل“. رئيس هلڪي جارحانه انداز ۾ چيو.

ڊاڪٽر خاموش. منهن ڳاڙهو ٿيل.

منهنجي تخم مان؟ تخم؟ — بليڪ ميل ڪرڻ ٿو چاهي. ذليل. ڪريل ذهنيت. ڊاڪٽر کي ٽڪرا ٽڪرا خيال آيا. ۽ هن پاڻ کي نروس ٿيندو محسوس ڪيو.

”رئيس“، ڊاڪٽر پاڻ تي ضابطو رکندي چيو، ”منهنجي اڌو ٻار ڪيرائڻ ڪو مسئلو ناهي. پر جيڪڏهن... جيڪڏهن اوهان ٻار ڪيرائڻ نٿا چاهيو، يا اوهانجي ذهن ۾ اهو ويهل آهي ته اهو حرامي ٻار آهي — اوهان ان جو خيال نه ڪيو. ان جو ذمو مان کڻان ٿو. پر مان شادي ڪري نٿو سگهان. اهو ناممڪن آهي، ناممڪن“.

”ڊاڪٽر —“ رئيس ڏانهنس نهاريو ۽ هلڪو مرڪيو. ڊاڪٽر کي انهيءَ مرڪ ۽ نهار ۾ ننگي مڪاري نظر آئي.

ڊاڪٽر اوهان پنهنجي هن فعل کي ڪٿي کهڙي به انداز ۾ پيش ڪري پاڻ کي حق تي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو، پر اهو ان جا سماجي قدر.... ۽ پڻ قانون.... اوهان کي ...“ رئيس قانون لفظ تي زور ڏنو ۽ اڳتي صاف ڳالهه ڪئي ته مان پنهنجو مقصد ٻڌائڻ جي

جرئت [ شايد ] ساري نہ سگھيو. ان ڪري هيڪندي هيڪندي تہ لفظ ڳوڙهو لڳو. جيئن ڊاڪٽر مشتعل نہ ٿئي، پر هو انهن ڪرڻ ۾ ناڪام ويو ۽ چپ ٿي ويو.

ڊاڪٽر ان کي پنهنجي لڳايل اندازي مطابق صاف ڪيو: "اوهان جو مطلب آهي ڪورٽ؟"

"ها؟ نہ نہ — منهنجو اهو مطلب تہ ناهي، پر...."

"اوهان ڪورٽ ۾ وڃي سگهو ٿا." ڊاڪٽر گهرائي ۽ فيصلي ڪن انداز ۾ چوندي اٿيو ۽ ٻاهر وڃڻ لڳو.

رئيس پٺيان نہ ڪيس. هن ان تي ڪو بہ ڌيان نہ ڏنو. ڊاڪٽر، ٻاهر بيٺل گاڏيءَ ۾ ويهي زور سان در بند ڪري، ڪار اسٽارٽ ڪئي.

ڪار ۾: پهرين تہ ڪيس، هلڪي پڇتاءَ ۽ پنهنجي انتهائي بي حسيءَ سان گڏ، مبهم طور پنهنجن نظرن ۾ ڪريل هجڻ، بي عزتو ٿيل، ڏوهي هجڻ جو لاشعوري طور شديد احساس ٿيو پر پوءِ ذهن کي جهٽڪو ڏئي، شعوري طور ان کي دٻائڻ ۾ ڪامياب ويو. جو ڪيس انهيءَ لاءِ ڪافي وزني دليل هئا. ان سان گڏ، نامطمئن هجڻ جو مبهم احساس مسلسل ذهن کي ڪرٽ ڪرٽ ڪرڻ لڳو.

"ذليل، ڪميڻو" ڏند ڪرٽيندي پٽڪيائين. ڪورٽ. هنہ. آهہ ول ڳو ديئر".

"دراصل مون کي اڳ ۾ ڏي هن سان ذڪر ڪرڻ ڪپندو هو: جڏهن عمري ڪان واپس آيو هو. احمق آهيان. بزدل. مون چونه پڙايو—" پڇناه.

اڪيون شهزاديءَ جـون: ڇڪ. ڀاڪر: بي خوديءَ وچان. چمي. خود سپردگي. مون چمي ڇو ڏني؟ ڪنترا سپٽو. هون. جلد بازي ڪيم.... لاشعوري طور؟ يعني— نه نه. قطعي نه. چهرو شهزاديءَ جو. آريڪشن. پوءِ مون رليتو مارلتـيءَ جـو جواز ڪوليو. شعوري سطح تي— پنهنجي اندرين غير واضح خواهش ڪـي جستيفاءِ ڪرڻ لاءِ؟؟؟ نو نو— ائيسو ليو تلي نات. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. ڪڏهن به نه. مان پاڻ کي دوکو ڏئي نٿو سگهان. نيور نيور—

..........

؟ ؟ لڳي ٿـو نامڪن پيو. خـود سندس خواري نمندي. اوهه! بٽ آءِ فيس اٽ. مون ڪـو ڏوهه ڪونه ڪيو آهي. انٽينشنلي. ۽ پاڪ اڪيندلي.— اوهه ڊيم اٽ. پر.... ڪورٽ فيصلو ڪهڙو ڪندي؟ نه ڪورٽ ڪي فيصلو ڪهڙو ڪرڻ گهرجي؟

غير مطمئن ذهن سان، سوال ڪئي ڊاڪٽر گهر آيو.

# ڇهين ڪهاڻي

جيتوڻيڪ اپريل جا اڃان پهريان هفتا هئا، پر واريءَ جي پٽن ۾ ننڍن ذرن ۾ ويڙهيل هن لنڊي؛ پر ڪنهن حد تائين جديد شهر ۾، ڏنيندڙ ڪوسي لڪ ۾ جهولا لڳڻ شروع ٿي ويا هئا. سج اڃا ڪانو ٿي، مٿي ٿي چڙهيو ته شهر ۾ ڏامر جا ڪارا روڊ ۽ پڪيون جايون، تندور وانگر تپڻ تي شروع ٿيون. واريءَ گڏڙ واءُ جي تيز جهوٽن ۾ چـڻ ٿانڊا پيريل هئا، جسم ساڙ لڳڻ شرط ٿي، سڄو جسم لهسجي ٿي ويو.

اڄ شهر ۾ دستـور واري پرامن فضا ۾ هلچل ۽ رونق جي ابتڙ وايو منڊل ڦريل هو. دڪان بند، هوٽلون خالي، شهر جي چرپر ۾ ٺاپر، گهٽيون ۽ رستا ويران- انهيءَ ويرانيءَ ۾ هئي اداسي. اداسيءَ ۾ هـو اڻ ڄاتل ٻوائتو خوف ۽ هنياءُ ڦاڙيندڙ هراس. سمورو لوڪ پنهنجن گهرن اندر بند هو ۽ سنڌن ساهه مٺ ۾ هو. هرڪنهن جي هنيئين ۾ هراس جو ٿهه، ڄڻ ڪي ڄميل برف جي ڇپ جيان ايڏو ڪٺيل ۽ گهاٽو ڄاتيل هو، جـو رڳو گلاس ڪرڻ جي ڪڙڪي ٻــ، سنڌن دليون ڏڪائي ٿي ڇڏيون—— خالي ۽ سنسان روڊن تي، ڪي ٽولا

ھڻون ٻڌل، ڪي رائفلون نہ ڪي ڪھاڙيون ڪلھن تي ڪنيو ٿي گھميا. سندن اکيون ڏياٽين وانگر ٿي ٻريون. ھلڻ جي چال ۾ بي ڊپائي، جرئت ۽ بھادري ۾ عزم ۽ ارادن ۾ اٽلپڻو، پنھنجي سکھ تي باھور ڪرڻ جھڙو پروسو ۽ ناٿيل چانيءَ مان غرور ۽ تڪبر ٿي ٻڪيو.

ھل ھيو: سنڌ جي ٻن ڪبر پيرن جي مريدن جي وچ ۾ مقابلو آھي.

ڏينھن چڙھندو ويو ساڙيندڙ ڪوسي لڪ جا زوزات وڌندا رھيا ۽ ڌرتي پڇرڊي ٿي وئي. لوڪ جي من ۾ بيٺل ساھ، اضطراب ۽ بيچينيءَ ۾ وڌيڪ پيڙجڻ لڳو، ٽان جو ڦھڪا ٿي ويا. ڏنا، زڏون، زرڙاپ، ٽاٽا چڻ ڌرتي ٿي ڏبي، رائيفلن ۽ بندوقن جي بارود جي بانس ۽ زوزات ڪري، ڌرتيءَ تي پرڻ وانگر ٿنگ ڪمدڙ ڪولين ڪري نامي- پوري گرم گرم. اڏامندڙ ڏڏڙ، ڌرتيءَ جنسي تاءَ جون التيون تي ڪيون- ۽ ھيا، رانيات؛ گاربون؛ آواز، جوش ۽ جرئت پريا.

ڪپل مھل ڪالپوھ خاموشي ٿي. چڻ ڌرتي ڏيڻ بند ٿي. پر ھوا جا ڪوسا لھسائيندڙ جھوڪا ساڳي طرح ٿي لڳا. ۽ باقي چوڌاري سانت، موت جھڙي. ڪنھن ڪنھن محل ڪنھن ڦٽيل جي ڪرب وچان دانھن ۽

ڪنجهڻ جو آواز، گهرن ۾ بند انسانن جون دانهون مسلسل ۽ اکيون ڪجهه چاڙهڻ لاءِ آتيون، پر حرڪت نه ۽ ٻاهر، واقعي واري جاءِ تي هئا لاش، ٽٽل ڏڪڙيل، اوندا پاسيرا، لاش، جي ڳاڙهاڻي کان ٻاهر هئا، لاش، جن مان ڪن جون اکيون بند هيون ته ڪن جون کليل ۽ آسمان ڏانهن واجهائينديون، ڪن جا وات ڦاٽل هئا ته ڪن جا بند، ٻيگل عضوا، چيچريل جسم ۽ رت ۾ ٻڏل لاش، اڄ جي سهارن ۽ سڀاڻ جي اميدن جا لاش، لاش، مائرن جي اکين جي تارن، ڀينرن جي آسن اميدن ۽ سهاڳڻن جي سهاڳن جا لاش؛ انهن انسانن جا، جي مٺا هئا، جنهنجو ڀاڱ لاءِ نه، جنهنجن ٻچن لاءِ نه ساٿيهه لاءِ نه، زندگيءَ جي خوشحاليءَ ۽ پيار جي بقا لاءِ نه.

۽ هيا، موت ۽ زندگيءَ جي ۾، واٽي جي وچ تي ٻيل، ڦٽيل، چيچريل، زخمن جي درد کان ليڇندڙ ۽ ڪنجهندڙ زخمي. ڪنهن ڪنهن وقت، درد جي شدت وچان انهن جي دانهن ٿي ايري، نه ته سناٽو ڇانيل هو ۽ ان سناٽي ۾ لڪ جو کهوکهٽ ۽ ڪنهن مهل ڪنهن ڦٽيل جي دانهن ڪجهه ٻوائتي ۽ دهشتناڪ ٿي لڳي. سڄ آسمان جي وچ تي پهتو، سڄ جا سدا ۽ تيز ڪرڻا ڌرتيءَ کي تتي وانگر تپائي رهيا هئا. رت جي اپ، هوا ۾ رت جي اپ گاڏڙ عجيب دوهه، تيز ۽ ٺل ڪچي ڪندڙ. ستان آسمان جي وسيع خلائن مان

ڪجهن ۽ مرڪين جا لامارا.

ٻئي ڏينهن خبر آئي: ته پيرن جي مريدن جي وچ ۾ جهيڙو ٿيو، ته ٽي مئا ۽ ڪجهه ڦٽيا.

ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ خبر آئي: سنڌ جي ڪبر ٻن پيرن جي وچ ۾ ناهه، ڇوڪرن لاءِ جاڙهيون ورهايون ويون، اختلاف ختم.

۽ پوءِ ساڳئي شهر جي ساڳين روڊن تان ٻنهي پيرن جون جيپون چيچاٽ ڪنديون، امن ۽ صلح سان لنگهنديون آهن. انهن مٿان مريدن جي روحن ڪي ڪچلينديون جيئن مريدن جي ساڃهه، سمجهه ۽ عقل کي چيپاٽينديون.